# لاٽ

شمشير الحيدري



# لاٽ

## نظم

### شمشير الحيدري

سهيڙيندڙ: سليم حيدري

نئون نياپو اڪيڊمي

2012ع

كتاب جو نالو: لاٽ
موضوع: نظم
شاعر: شمشير الحيدري
سهيڙيندڙ: سليم حيدري
پيج ميڪنگ، لي آئوٽ
۽ ٽائيٽل ڊزائين: انعام عباسي
تعداد: 1000 هزار
ڇاپو پهريون: 1962ع
ڇاپو ٻيون: جولاءِ 2012
ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر ايوب شيخ
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي، سنڌ
Cell # 0346-2103811
مُلهه: =/100 فقط

ارپنا

پنهنجي نالي

شمشير الحيدري

# سٽاءُ


- پبلشر جو نوٽ: انعام عباسي 7
- مهاڳ: ڊاڪٽر ايوب شيخ 8
- پنهنجي پاران : شمشير الحيدري 12

حمد 13
نعت 14
مداح 15
ڏمال 17
عالمي ترانو 18
مجرو 19
قوالي 20
پيروڊي 21
لاٽ 25
لطيفي لاٽ 27
ڪاڪ محل 29
پيدائش 30
انقلاب جي سرحد 31
آرزو جو سفر 32
پيشڪش 33
تخليق 34
هجرت 35
مٽيءَ جو ماڳ 39
الوداع 42
چنڊ سان چاهہ 50
تخليق جو اعتڪاف 51
جيسين سج اڀري 53
لوممبا جي شهادت 55
پراڻا حربا 56

محاذ 57
زندگي جا سئو سوال 58
زندگيءَ سان پيار ڪر 59
خدايا 60
پُور 61
اڪيلي ڪونج 62
سنڌ جو ضمير 63
همسفروا 64
مسرت جي منزل 67
ڪاغذ جو گل 70
جنگ جو ديوتا 71
وقت 74
انت بحر ۾ 75
مشورا 76
فرصت 78
حسنِ نظر 79
سونهن جي صدقي 80
اڄ صديءَ جو داستان 83
تهذيب دشمن 87
نهروءَ جو ديهہ انت 89
ڪِچن جي اونداهي 90
توسان ڳالهيون 91
وقت جو ڦيرو 92
شامِ غريبان 93
سندرتا جي ... 95
اڇي، جيڪو اڇي 98
سچ درازا وسدا هي 99
عاشق هليا اکين سان 101
1973ع واري پوڙ 102
نيرين اکڙين وارو چنڊ 103
ويراني 105
ترائيل 107
ترائيل 108
پڙاڏو سو سڏ 109
پٽُ وڏو ڏوهاري آهي 111
مان ڏوئي آن 112
قطعا 115


## اردو تراجم


سندرتا کي جيت 118
دهمال 121
مين کہ اک تنها مُسافر 122
فرزندِ سنده 125
الوداع 126
خيال کي بستي 134
کاک محل 136
ديپي کي لو 138
انقلاب کي سرحد 140


## ENGLISH


1. An Offering I
2. Life III
3. Der Stille Brautgeschenk IIII

## ايتري قدر....

هي 1990ع جي ڏهاڪي جي ڳالهه آهي. ڪراچي پريس ڪلب ۾ مون شمشير الحيدري صاحب کي پهريون ڀيرو ڏٺو ته مشهور ڳائڻي مهجبين قزلباش جو ڳايل سندس ڪلام " تون ياد وري آئين" سامهون تي بيٺو. سنهڙو سيپڪڙو پر عزم ۽ ارادن جو هماليه! هن جو عزم ۽ سندس بدن هڪٻئي جي خلاف هيا. ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. ان کان اول، هن جي ادارت هيٺ شايع ٿيندڙ "نئين زندگي" ۽ تماهي "مهراڻ" جا پراڻا رسالا قمبر ۾ اسان جي دوست مرحوم ڊاڪٽر محبت برڙي جي ڪري خاص پڙهائي هيٺ رهيا هيا. ايم آر ڊي جي جدوجهد ۾ وري رجعت پرستي جي القابن سان سٽيل روزاني "مهراڻ" جهڙي اخبار کان ڪم وٺڻ جي ڪري شمشير ان هلچل جو ميڊيائي هيرو بڻجي چُڪو هيو. پريس ڪلب ۾ هن جي ويجهو وڃي ويٺس. نه حال نه حوال، بس جيڪو نئون آيو سو خبرن ۽ ڪچهري ۾ شامل ٿيندو ويو. مختلف ماڻهن جو ڳالهيون ٻڌي اوچتو پنهنجي تڪئي ڪلام کي اُچاريندو پئي ويو.... ايتري قدر!

هن پنهنجي ڄمار جو هڪڙو قاعدو ٺاهيو آهي ته جيڪي صحيح سمجهجي، ان تي بيهي رهجي. حالتون ۽ ميدان کهڙا به هجن. ڳالهه اها ئي ڪجي جيڪا پاڻ کي درست محسوس ٿئي. پير صاحب پاڳاري جي اخبار جنهن کي رجعت پسندي جا سڀ القاب مليل هيا تنهن ۾ شمشير اهوئي ڪيو جيڪو سندس زندگيءَ جو نيَم يا اصول رهيو هيو. ٽن مهينن ۾ اخبار کي آسمان تي پهچائي پاڻ لامارا ڏيندو اچي ٿڪو ڪيائين. ڪرڻ مهل هن ضرور چيو هوندو... ايتري قدر... !

هن ڪتاب جي ڇپائي جي ڪهاڻي الاهي وڏي آهي. اها

ڏڪائيندڙ ۽ دل وندرائيندڙ آهي. ڏڪائيندڙ هن معنيٰ ۾ ته، ڪتاب کي اٺ مهينا اڳ اچڻو هيو ان جا پرنٽر، پبلشر، ڪمپوزر، پروف ريڊر سڀ ٻيا هيا. ڪتاب جو مسودو ڪراچي مان ٽيندو ٿني ضلعي جي ميرپور ٻٺوري کان حيدرآباد پهتو. ان شهر مان ڪتاب کي شايع ٿيڻو هيو ان جي مهورت جو لافاني ڪاڄ بہ ٿيڻو هيو. وندرائيندڙ هن معنيٰ ۾ ته، جن ڪتاب ڇپائڻ جو وعدو ڪيو هيو ان جا هر دفعي اهي زبردست سچائي تي ٻڌل جملا ملندا هيا ته "ڪتاب جُلد لاءِ موڪليو آهي" ۽ "بس رڳو بائينڊر کان ڪٽائي اوهان ڏي ڪراچي موڪلڻو آهي" پر، اها خبر پوءِ پيئي ته ڪتاب جو مسودو ۽ سندس سچائي هڪ هنڌ پنڌ پنهنجي تي ويا هئا. مون پاڪستان ڪوارٽر ۾ سندس جهوپڙي نما گهر ۾ اهو قصو ٻڌي سندس ٽي تڪيو ڪلام ورجايو ...
ايتري قدر!

تاريخ ۾ لکيل آهي ته، مغلن جو هڪڙو دور اهڙو بہ آيو هو جڏهن، سزا ڪاڏل جوانن جون مائرون پُٽن کي ملندڙ سزائن ختم ڪرڻ جي گهُر نہ ڪنديون هيون، پر، وقت جي بادشاهن کي ٻاڏائي چونديون هيون ته سندن اولاد کي جيڪا سزا ملي سا خير، هاڻي رڳو ان جو لاش وڻ تان لاهي ڏيو ته مٽيءَ ماءُ حوالي ڪجي. سو، شمشير جي چوڻ تي سندس نظمن جي مسودي کي انتظار جي ڦاسيءَ واري اوچي وڻ تان لاهڻ لاءِ واڪا ڪرڻ شروع ڪياسين. انهن ڪچهرين هلندي، مون شمشير الحيدري صاحب کي چيو ته آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ سندس جيئري ڏينهن ملهائڻ جو ڪم ڪرڻ ضروري آهي. هدايت بلوچ، غفار تبسم ۽ ستار پيٽي جي موجودگي ۾ ان پروگرام جي تاريخ ۽ ڳالهائڻ وارا طئي ڪيا ويا. شمشير وري پنهنجي مهربان دوستن جا نالا ڏنا ته اهي ضرور گهرائجو. آرٽس ڪائونسل ۾ ساڻس 19 مئي 2012ع تي شمشير الحيدري سان تاريخي رهاڻ ڪئي ويئي. ناميارا ڳالهائڻ وارا، سوين منظم حاضرين

۾ سندس ڪتابن جي مهورت جو پروگرام ڪيو ويو. ان تاريخي موقعي تي هي ڪتاب حيدرآباد مان شايع ٿي ان رهاڻ ۾ پيش ٿيڻ هيو. پر "مسودو" ڪتاب ٿي نہ سگهيو.

هي ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ آهي. مونکي پندرنهن ڏينهن اڳ PDF طرز جو فائيل مليو ان ڪري ان کي ٻيهر ڪمپوز ڪرائڻو پيو پوءِ وري ان جا پروف ڏسڻا پيا.

شمشير الحيدري ڪيتري قدر وڏو شاعر، اديب، صحافي ۽ ايڊيٽر آهي، ان جي باري ۾ اوهان وڌيڪ ڄاڻو ٿا. اسان هي ڪتاب ڇپائي هاڻوڪن نسلن تان ذلتن جو بار گهٽايو آهي. اسان چاهيون ٿا تہ آرٽس ڪائونسل ۾ سنڌي پڙهندڙن جي هڪ Readers Club هجي، هڪ ايسوسيئيشن هجي، هڪ گڏپ هجي. ان جا ٻہ چار هزار ميمبر هجن. هر ميمبر ماهوار معمولي في ڀري، انهن ميمبرن کي هر سنڌي اديب جو شايع ٿيندڙ ڪتاب نج پج مُور واري قيمت تي ملندو رهي. آرٽس ڪائونسل اهڙي نموني هڪ ناٽڪ منڊلي تي سوچي رهي آهي تہ جيئن سنڌي ناٽڪ ٻيهر مرده خاني مان موٽي اچي سماج ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري، اهي ڪلب ميمبر هر مهيني پنهنجي ڪٽنبن سان اهڙا ناٽڪ مفت ۾ ڏسي سگهندا.

اسان ان ئي خيال کان هن ڪتاب جي قيمت بلڪل ٿوري رکي آهي. اسان هر بهترين ڪتاب جي مهورت ڪرائي، هزارين پڙهندڙن کي ان ۾ گهُرائي هڪ ئي ڏينهن ۾ ڪنهن بہ سنڌي اديب جو ڪتاب خاص ڪري سندس پهريون ايڊيشن پهرين سَٽ ۾ اوهانجي سڳورن هٿن تائين پهچائڻ جو خيال ۾ رٿا رکئون ٿا. سنڌي اديب جو زندگي ۾ هڪ ڪتاب، ان جو هڪ ايڊيشن ۽ ان جو هڪ هزار ڇپجي، سا ڳالهہ اسان کي قبول ڪانهي، اسان اها غلط روايت ۽ سنڌي ليکڪن جي ورهين کان حوصلي شڪني زبردست ۽ زبردست محنت سان تبديل ڪنداسين. ان واسطي هن ڪتاب ۾ الڳ فارم ڏنو ويو

آهي جيڪو اوهان پري موڪليندا. اوهانجي آٽوميٽڪ ميمبرشپ ٿي ويندي.

هن ڪتاب جي سلسلي ۾، ان جي پروفن ۽ ڇپائي ويندي قيمت جي باري ۾ اوهانجا جيڪي بہ ويچار هجن، تن جي باري ۾ اسان کي ڄاڻ ضرور ڏيندا. اوهانجا مشورا ۽ تنقيدون اسان جي رهبريءَ جا ڪي رستا ٿا هي سگهنديون. ايتري قدر......

شمشير جي لفظن ۾ :

يقين آهي تہ ايندا پٽيان اڇڻ وارا،
اچي هتي ئي ڪندا پنهنجي وقت جي منزل:
انهن جي لاءِ پلا ڪا تہ روشني گهرجي،
مچائيندا جي وڏي اڳتي عزم جي محفل!

**ڊاڪٽر ايوب شيخ**

چيئرمين: فوڪ ۽ هيريٽيج ڪميٽي
آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان
3جولاءِ 2012ع

فون: 0300_9230725
اي ميل: ayoub_shaikh@yahoo.com
پوسٽ پتو: آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان
مولانا دين محمد وفائي روڊ ڪراچي، سنڌ

# پنهنجي پاران

منهنجي ڪلام جو مختصر مجموعو 1962ع ۾ طارق اشرف ڇپايو هو. اسي صفحن جي اُنهيءَ ڪتابڙي ۾ مختلف صنفون ڏنل هيون. هڪ انهن گذريل پنجاهه سالن ۾ به نسُل متي چڙهي آيا آهن. جنهن دوران مختلف صنفن ۾ ڪلام جو وڏو ذخيرو موجود ٿي ويو آهي پر هن مجموعي ۾ رڳو جديد انداز جا نظم ئي ڪٺا ڪيا ويا آهن. جديد نظم، اسان ڪي يورپي ٻولين وٽان مليو آهي، جيڪو بند جي شاعري ۽ آزاد نظم جي صورت ۾ لکبو رهيو آهي. انگريزيءَ جي سانيٽ ۾ چوڏهن سٽن جي مقرريءَ ڪان سواءِ ڪا به اهڙِ ڳالهه نه آهي، جيڪا سنڌيءَ ۾ نه ايندي هجي، البته ترائيل ۾ ڪافي تجربا سنڌي شاعرن ڪيا آهن. آزاد نظم، جيڪو اڳي اختلافن جي ور چڙهيل هو تنهن کي هاڻي نظم جي مُستند صورت مڃيو ويو آهي.

هن مجموعي ۾ بند ۽ آزاد نظم، ٻنهي صنفن جو ڪلام پيش ڪيو ويو آهي. هيءُ مجموعو ”نئون نياپو اڪيڊمي“ ڪراچيءَ پاران شايع ٿي رهيو آهي، جيڪو اڪيڊمي پاران ڇپجندڙ منهنجو پهريون ڪتاب آهي. جيڪو منهنجي لاءِ خاص اعزاز جي برابر آهي ان لاءِ آئون اڪيڊمي جي سرپرستن ڊاڪٽر ايوب شيخ ۽ انعام عباسي جو حجت منجهان ٿورائتو آهيان. جنهن هن ڪتاب پڌري ڪرڻ توڙي ان جا پروف وڏي ڏيان سان چيڪ ڪرڻ جو ڪم ڪُل ملائي ٻن هفتن ۾ پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي ذمي ڪنيو.

1962ع واري ڇپيل ڪتابڙي جو نالو” لاٽ“ رکيو ويو جيڪو وري نظمن جي هن مجموعي تي، مواد جي خصوصيت سبب ساڳيو ئي رکيو اٿم.

آخر ۾ آئون پنهنجي پُٽ سليم حيدريءَ جو ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب جي مواد گڏ ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ لاءِ ڪافي دلچسپي ورتي.

**شمشير الحيدري**

2 جولاءِ 2012ع
ڪراچي، سنڌ

# حمد

هُوئي هُو هُوئي هُوا!

ازل حقيقت، ابد حقيقت، حال حقيقت، هُوئي هُو
وحدت اندر ڪثرت وارو خيال حقيقت، هُوئي هُو
هڪ ئي جوت جمال، حقيقت، هُوئي هُو.....

وڻن ولين ۾، گلن ڦلن ۾، ڪک پن اندر هُوئي هُو
مٽيءَ پاڻيءَ، سورج چنڊ ستارن اندر هُوئي هُو
هڪ ئي جوت جمال حقيقت، هُوئي هُو....

ماڻهن پکين، حيوانن جي ساهن اندر هُوئي هُو
ڪاري ڳوري، شاهه گدا جي روپن اندر هُوئي هُو
هڪ ئي جوت جمال حقيقت، هُوئي هُو....

مسجد مندر گرجا اندر، هوئي وسي ٿو هُوئي هُو
محلن جهوپن منجهه سراسر هوئي وسي ٿو هُوئي هُو
هڪ ئي جوت جمال حقيقت، هُوئي هُو....

❊❊❊

# نعت

اڄ تہ ڪو منهنجي تصور کي اڇي خوشتر ڏسي،
عرش تي پهتو وڃي ڌرتيءَ جو دانشور ڏسي.

خلد ۾ انسان جي تخليق جو منظر ڏسي،
سڀ ملائڪ کي سراسر سجدي جي اندر ڏسي.

لعنتي ابليس کي خالق اڳيان خود سَر ڏسي،
۽ وري آدم حوا کي، بهشت کان ٻاهر ڏسي.

نُور کي متيءَ جي بوتي ۾ اڇي اظهر ڏسي،
خُلق اعظم، احسن التقويم جو مظهر ڏسي.

هو جلي تو اڳ ۾ ئي جبريل جو شهپر ڏسي،
هو پُڄي ويو عرش اعليٰ تائين پيغمبر ڏسي.

***

# مداح

## در صفت مرشد راهنما

منهنجو هڪڙو هادي آهي، مرشد راهنما،
سڀ کان سهڻو سڀ کان سياڻو خلقيو خاص خدا.
جيڪو سڀ کان بهتر، برتر، جيڪي منجهہ جهان،
جنهن جو ڪوئي ثاني ناهي، اعليٰ اعظم شان.
جيڪو جڳ جي اک جو تارو، جلوو جوت جمال،
دنيا ۾ جو دائم آهي، قائم ساڻ ڪمال.
سورج جي ڪرڻن جيان جنهن جو آهي فيض مدام،
چانڊوڪيءَ جي روپ اندر جڻ آهي ڪو الهام.
حسن حقيقي آهي جيڪو جيڪو عشق امام،
جيڪو عامن کي ٿو بخشي الفت جو انعام.
جنهن جي ڪائي صورت ناهي، روپ نڪو ٻهروپ،
سپني وانگر رهندو آهي اکين منجهہ الوپ.
جيڪو هرجا حاضر ناظر، جڳ جڳاندر جهور،

داناا بيناا، ڄاڻي ٿو گهڙيءَ گهڙيءَ جو پُور.
حاوي حاڪم آهي، هوا تي چڙهي ڪري ٿو سير،
جنهن جي همت سان ڪو ٽڪري، ڪوئي ناهي ڪير.
اپ ۽ ڌرتي جنهن جي دهشت ساڻ دهلجن روز،
جنهن جي جرئت آڏو ڪوئي آيو ناهي هنوز.
وقت نہ جنهن کي جڪڙي سگهيو ڪڏهين ڪو زنجير،
موت جنهين کي روز جيئاري، اهڙو آهہ امير.
روز ازل کان جيئرو آهي، مرڻو ناهي مور،
"ڪن فيڪون" جو سِر الاهي، مٽيءَ ۾ مستور.
مٽي ناهي، مٽيءَ جي هر ذري ۾ موجود،
جنهن ۾ سڀ سنسار سمايل آهي لامحدود.
ڪڏهين ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ تي رقص ڪري سنگيت،
ڪڏهين آڪاسن ۾ اُڏري پاڻ پڄائي پريت.
ڪڏهين مڪڙيءَ ساڻ کلي ۽ ڪڏهين گل سان روءِ،
ڪڏهين ڳوڙهو خيال تہ ڪڏهين ڳوڙها ٻڻجي پوءِ.
ڪڏهين راتيون جاڳي ويٺو فهم ڪري فڪرات،
ساري جڳ جا سور سنياري، ڏاري پنهنجي ذات.
ڪڏهين خود ئي خود ۾ گم ٿي، ڳائي ويٺو گيت،
هن سان ڪنهن جي پريت نہ آهي، هن جي سڀ سان پريت.
ڪافر مومن آهي، ناهي، جيڪي آهي پاڻ،
جنم جنم جو جوڳي آهي، ڄاڻي ڪو اڻڄاڻ.
سوئي منهنجو هادي آهي، مرشد راهنما،
سڀ کان سهڻو سڀ کان سياڻو خلقيو خاص خدا.
کهڙو تنهن جو نسب ٻڌايان، ڪهڙو ملڪ ملير،
اوچوان جو ناڻ مبارڪ، وهہ واهہ "شاهہ ضمير"!

❋❋❋

# ڌمال

ڏم ڏما ڏم مست قلندر سنڌڙي دا،
جڳ دي ڪارڻ بڻيا سهارا جندڙي دا.
ڏم ڏم ڏم نوبت وڄي،
سُڻ سُڻ آپي دشمن ڀڄي،
جهنڊا جهولي ڪپي سڄي،
ميندي شانان والي ڪڄي،
روح جنهين ڪو ڏيک رڄي
جڳ دي ڪارڻ بڻيا سهارا جندڙي دا....

ڪتان ڪتان خلقان اچن،
شهر سيوهڻ وچ ميلي مچن،
در در ڏوم ڌمالان لڳن،
گهر گهر گهنڊ گهڙيالي وڄن،
مست مگن سب ناچو نچن،
جڳ دي ڪارڻ بڻيا سهارا جندڙي دا....

سنڌڙي پياري پرور دي هي
سنڌڙي سهڻي سرور دي هي
سنڌڙي حاڪم حيدر دي هي
سنڌڙي شاهه سُخنور دي هي
سنڌڙي سچل شاعر دي هي
نا بيدرد تونگر دي هي
نا ڪنهن سگ ستمگر دي هي
سنڌڙي لعل قلندر دي هي
ڏم ڏما ڏم مست قلندر سنڌڙي دا....

***

# مزدورن جو عالمي ترانو

(مزدورن جي عالمي ترانو "انٽرنيشنل" جو ترجمو)

اُٿو اُٿو بکن جا ماريل اُٿو!
اُٿو اُٿو ڏکن جا ڏاريل اُٿو!
اي ڳٽين جا ڳاريل، مصيبتن جا ماريل،
صدين جي سازباز سان، صليب تي سمهاريل،
اُٿو اي وقت جا وساريل اُٿو!

اُٿو جو هاڻي فيصلي جو سج پيو ڳني ڪڍي،
اُٿو جو هاڻ هڪ نئون جهان پيو جنم وٺي،
اُٿو نصيب جا ڏڪاريل اُٿو!

ڏسو ته هو روايتن جا ڪاڪ محل پيا ڪرن،
ڏسو ته هو غلامين جا ڪوٽ ڍير پيا ٿين،
اُٿو مصيبتن جا ماريل اُٿو!

اُٿو جو هاڻ پنهنجي هيءَ جنگ آهي آخري،
سنڀاليو پنهنجا مورچا، محاذ تي وري وري،
اُٿو اي ڳٽين جا ڳاريل اُٿو!

اُٿو نئين نظام کي سلام سڀ ڪريون ملي،
نئون نياپو "انٽرنيشنل" جو عام ٿئي پلي،
اُٿو اي وقت جا وساريل اُٿو!

***

کورس
مک فنڪار: دين محمد شيخ
ڌن: ڪريم شهاب الدين
"نئين زندگي" ڪراچي: اپريل مئي 1975ع

23.4.1974
پي ٽي وي تان پهرين مئي تي پيش ٿيو

# مجرو

ڏيک کوئي خودي دا خيال،
اسان عشق کيتا هي اپڻي نال.
اسان صورت ٻي سينگار ٻي هون،
اسان دل ٻي هون، دلدار ٻي هون.
آپي جلوه تي آپ جمال،
اپڻي تيوسي آپ مثال....
اسان نور برهـ دي بستي دا،
اسان حسن تيوسي هستي دا.
آپي هجر تي آپ وصال،
اپڻي تيوسي آپ مثال.
کڻ مومل کلدي کاک محل،
کڻ سسئي رلدي جهنگ جبل:
آپي جواب تي آپ سوال....
اپڻي تيوسي آپ مثال....

***

# قوالي

ھا ڪئي اڄ آهي دلبَر، ھا تہ ھا۔ ھا ٿي وئي،
واهہ جو ٿي ڳالهہ وئي يَر، وا تہ وا۔ وا ٿي وئي.....

ڪيئن الائي آئي هئي، ۽ ڪيئن وري کسڪي وئي،
جنهن جي لئہ جهلياسين پادر، سا تہ سا۔ سا ٿي وئي...

بس رڳو مُنهن ميل ٿيو محبوب سان هڪ منٽ جو،
چا ٿيو چا چا نہ ٿيو پر، چا تہ چا۔ چا ٿي وئي....

ڪجھ نہ هو يَر ڪجھ نہ هو پر ڪَر خرابي ڪئي وڌي،
هن هَلايو اهڙو چڪر، آ تہ آ ۔ آ ٿي وئي....

واٽ ويندي ويا ورائي جوان ٽونشيبازَ ڪي،
مفت ۾ مارياءُون شاعر، ٽا تہ ٽا۔ٽا ٿي وئي.....

پنهنجو چاهي، پل رهي خوش يار پنهنجي خرچ تي،
ٽا، ڪئيسين پاڻ هيڪر، ٽا تہ ٽا۔ ٽا ٿي وئي....

***

# پيرودي

گھمي ڏسو بازار او يار
سنڌڙيءَ کي سر ڪو بہ نہ ڏيندو.

جهول جهلي جنهن وقت پتائي،
تيندا پوڳ هزار او يار.....

ملڪ مڙئي ميدان تي ويندو
ڪنبندي پوءِ ڪتار او يار....

گهڙا ڪٽي گهڙنديون سئو شهٽيون،
ڪنگهندا ڪو نہ ميهار او يار......

ڪانگ پلا چا ڪيرائيندا،
دوڪي جي ديوار او يار.....

ماهيا وينا ڳائين سنڌ ۾
بيجل جا سپ ٻار او يار.....

(شيخ اياز جي وائي
”سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو“ جي پيرودي)

# لاث

# لاٽ

حقيقتن کي طبيعت جي روشني پهتي،
سندم نگاهہ جي سامهون عجيب منظر هو:
پري، تمام پري، هئي خيال جي بستي،
قريب و دور فقط منهنجو ئي تصور هو.

عجيب قسم جي تنهائين جو هو ماحول،
وڏو وسيع هو ميدان، رات جو عالم:
فضا ۾ خوف جا آثار سڀ هئا پيدا،
سڄي جهان جا انڌيرا اتي هئا باهم.

هوا جو هاڻ تي قاتو ڪري وڏا واڪا،
رکي رکي ٿي وري بجلين کي وحشت ٿي:
ڏڪيا ٿي چئن طرف ڪيئي ديوَ طوفان جا،
قضا جي خوف کان ڏرتيءَ کي پڙ ٿي دهشت ٿي.

مصيبتن جي انهيءَ رات تي نظر رکندي،
ڀلا ڏيئي کي مجال آهي جو رهي قائم؟
هلائي ڪير اچي پنهنجو ايترو حيلو
متائي خود کي، ڏيئي کي رکي صحيح سالم؟

مصيبتن جي انهيءَ رات تي نظر رکندي،
يقين جي تہ هتي حد ئي ڪٿي آهي
مگر خيال جي بستيءَ ۾ چا نہ هو ممڪن،
هوا جي هنج ۾ شعلي جي پرورش چاهي!

هتي تہ نُور نچوئي پيو ڪو نيٽن مان،

گهڙيءَ گهڙيءَ پيو اوتي اهو ڏيئي اندر:
وري وري پيو وٽِ کي مٽي مٽي سوري،
جهُڪي جهُڪي پيو دامن بنائي سايہ گر.

ڏيئي جي لاٽ وسامي وئي تہ ڇا رهندو؟
اچا تہ ڪيئي محبتن جا مرحلا ايندا!
اڄوڪي رات جي مومل جو حال ڇا ٿيندو
۽ ڪيئن ڏينهن جي راڻن جا قافلا ايندا؟

يقين آهي تہ ايندا پڻيان اچڻ وارا،
اچي هتي ئي ڪندا پنهنجي وقت جي منزل:
انهن جي لاءِ پلا ڪا تہ روشني گهرجي،
مچائيندا جي وڏي اڳتي عزم جي محفل!

محبتن جا اهي مرد پهلوان هوندا،
ڪندا هوا کي مسخر، ۽ رات کي برهم
فلڪ جو اوج انهن جا اچي قدم چمندو
نرالي نور جا مشعل جلائيندا هردم.

ڏيئي جي لاٽ تہ هر حال ۾ رهي قائم،
اهوئي منهنجي مقدر جو فيصلو آهي:
پهاڙ جهڙا ارادا رکان ٿو سيني ۾،
هوا جي زور کان زياده ئي حوصلو آهي.

حقيقتن کي طبيعت جي روشني پهتي،
اڄوڪي دور جو دانا ڪري پيو محنت:
زمانو طئي ڪري آيو خيال جي بستي،
نرالي نور کي روڪي نٿي سگهي طاقت!

***

# لطيفي لاٽ

وقت تي حالات جا پاڇا پيا،
چوطرف خاموشين شورش ڪئي،
ظلمتن کي رقص جو موقعو مليو،
روشني چپ چاپ منهن موڙي وئي،
روح کي بيچينيون گهيري ويون،
دانهن ڪان مايوس ٿي، سُڏڪا پيا،
زندگي قيديءَ جيان روئندي رهي:
ڪيئي صديون، ڪيئي سال،
عقل جي تاريخ موٽي پئي وئي.

تنهن گهڙيءَ،
وقت جي شاعر جي دل تڙڦي اُٿي!

ڏيان جي ڪڙڪي ڪُلي،
روح کي پرواز جي طاقت ملي،
ذهن ۾ لهرائي ويئي زندگيءَ جي روشني،
۽ اچي ويئي نظر،
پنهنجي ماضيءَ جي خبر:

شاعرن جو شهنشاهہ مصروف هو
پنهنجي نغمن ۾ پريائين پئي اثر:
ڪُل زمانو وقت جي آلاپ سان سرشار هو
۽ سڄي تاريخ ڄڻ ٻيهي رهي،
ڪو زمانو ٿي ويو
ظلمتون ۽ روشنيون ايندي رهيون،
دوڙدو ٿيندي رهيون،
هر گهڙي هڪ آزمائش،
هر گهڙي هڪ امتحان،
ڪير ڪنهن جو ترجمان؟

هر طرح جون نعمتون موتي ويون ٺڪرائجي،
هار ڪائي ويا زمانا جا فريب،
آخر پڙڪي اٿي دوزخ جي آڳ،
يعني مرڪي پيئي جنت جي ڪنيز:
ظلمتن جي ڇا خبر،
وقت جو شاعر مگر مصروف هو
جنهن جي دل ۾
روشنيءَ جو راڄ هو سوراج هو.

وقت تي حالات جا پاڇا پيا،
چوطرف خاموشين شورش ڪئي،
ظلمتن کي رقص جو موقعو مليو
ڪيئي صديون، ڪيئي سال:
وقت جو شاعر اڃا ڳائي پيو
زندگيءَ جي ساز تي،
پنهنجي لطيفي لاٽ کي!

***

# ڪاڪ محل

زندگي ڪاڪ محل آهي ڪو رنگا رنگي،
جنهن ۾ مقصد تو سدا ناز ڪري مومل جان،
دور ڪان دل کي لُڀائي، نہ اچڻ ڏئي ويجهو
ڪير آهي جو لنگهي پار پوي مشڪل مان؟

جيڪو اڳتي تو وڌي، ڪائي اُهو ڪيئي فريب،
جادونگريءَ مان بچي ڪير سگهي، ڪير ڀلا؟
ڪن کي نوميدي ڪيدي ڏند پئي ڏيڇاري،
ڪن کي ڏائڻ جيان ڏڪائي تو پيو موت، الا!

روز اميد، ڪري هار ۽ سينگار نوان،
پاڻ کي خوب سجائي، تي لڀائي دل کي،
عارضي سونهن تي هِرکي ڪئين جوڌا ۽ جوان،
راهہ ڀلجي ۽ وساري ٿا ڇڏن منزل کي.

ڪير منزل کي رَسي؟ ڪير تو ماڻي مومل؟
جان جادوءَ مان ڀلا ڪوئي ڇڏائي تہ سهي!
ڪوئي لاهوتي لنگهي اڳتي، وچي مقصد ڏانهن،
چال ڇورين جا ڏسي، ڪوئي لنوائي تہ سهي!

ها، مگر ميندرا منزل کي رَسي ئي رهندا،
جادونگريءَ جا طلسمات ٽٽي ئي رهندا!
عقل ۽ عزم جا راڻا ويا اڳتي ڌوڪي،
پنهنجي حالات جي مومل کي پسي ئي رهندا!

مال موهي نہ سگهيو ڪاڪ ڪان جهلجي نہ سگهيا،
چال ڇورين جا لنگهي ڪاپڙي وڌندا ئي رهيا:
مون کي شاهہ ڀٽائيءَ جي وري ياد آئي،
پنهنجي مومل سان ملڻ جي آ وري اڄ وائي.

# پيدائش

اڄ وري تاريخ جا دفتر کليا،
اڄ وري انسان جا جوهر کُليا.

اڄ وري جاڳيو زماني جو ضمير،
اڄ وري انصاف تي ڏمريو اسير.

اڄ وري زنجير سان سرچاءُ ٿيو
اڄ وري زندان جو ٺهراءُ ٿيو.

اڄ وري اظهار تي پهرو لڳو
اڄ وري منصور ڦاهيءَ تي چڙهيو.

اڄ وري لٽجي ويو فطرت جو باغ،
اڄ وري ڦاٽي پيو هستيءَ جو داغ.

اڄ وري تهذيب کي ٺوڪر لڳي،
اڄ وري زخمي ٿيا دل جا ڏٿي.

اڄ وري مهراڻ آيو موج ۾،
اڄ وري ڌرتي ٻُڏي وئي کوج ۾.

اڄ وري احساس جي پالوٽ ٿي،
اڄ وري جذبا اُٿيا اٿموٽ ٿي.

اڄ وري ڪجهه دلبريون حاصل ٿيون،
اڄ وري ڪجهه آيتون نازل ٿيون.

اڄ وري تخليق کي شاعر مليو
اڄ وري دنيا کي پيغمبر مليو!

***

# انقلاب جي سرحد

حُسين ابن عليءَ کي شهيد ٿيڻو پيو
خدا جي راهہ ۾ انصاف کي بہ مرڻو پيو:
فلڪ کي ظلم جو هي اهتمام ڪرڻو پيو
قضا کي دين جي خاطر يزيد ٿيڻو پيو.

سدائين ڪوڙ ڪتيو جبر جي سهارن تي،
ڏباڻي سچ کي تقدير جي حوالن سان:
رکي سياهيءَ جو الزام چنڊ تارن تي،
عجب مذاق انڌيرن، ڪيو اُجالن سان.

جو زهر پيتو هو سقراط ڪنهن زماني ۾،
گلن جي ماڪ، ستارن جو نور بڻجي ويو:
حيات جنهن جي طلب ۾ رهي ٿي سرگردان،
اهو ئي وقت جو دل جو سرور بڻجي ويو.

ڳلي جا طوق بدلجن پيا سدا، هر سُو
ڏٺي نہ آهي صدين جي حساب جي صورت:
صليب مان ٿي اڀي اڄ بهار جي خوشبو
عجيب آهي اها انقلاب جي صورت.

گهڙيءَ گهڙيءَ کي زماني جي زندگي حاصل،
هزارين سال بہ تاريخ ۾ ويا گم ٿي:
جتي جتي بہ جُهڪيو حق جي اڳيان باطل
شفق ٿي چمڪي اُتي انقلاب جي سرخي.

ڏسي ٿو ڪير پلا آفتاب تي سرحد،
ٻڌائي ڪير سگهيو آهہ خواب جي سرحد:
ڪروڙين ذهن فقط هڪ ڪتاب جي سرحد،
وسيع آهي اچا انقلاب، جي سرحد.

# آرزو جو سفر

لامڪانيءَ جي فساني ڪان وٺي،
لازمانيءَ جي زماني ڪان وٺي،
جسم جي بي انتها تاريڪين ۾،
جاودانيءَ جي سفر ۾ سرگرم آهي ازل جي آرزو.

تون بہ ڪنهن جي ابتدا،
مان بہ ڪنهن جي انتها:
تنهنجي منهنجي زندگي
تنهنجي منهنجي ماءُ جي دمدم دعائن جو اثر:
تنهنجي منهنجي زندگيءَ جا صبح شام،
تنهنجي منهنجي پيءُ جي اٽڪ اُميدن جو ثمر
جسم جو هر هڪ جنم
ڪئين ڪروڙين آرزومندن جو موجوده مقام:
بس ازل جي آرزو آهي مدام،
جاودانيءَ جي سفر ۾ تيز گام.

اي سندم دمدم دعائن جا نرالا شاهڪار!
زندگي تابندگي جا رازدار!
اڄ تہ مان توکان ڪريان اڄ الوداع،
جسم جي تاريڪ راهن کان جدا:
مان ازل جي انتها ۽ تون ابد جي ابتدا،
اي سندم اُميد جا براق، صد صد مرحبا!

(ماهوار "روح رهاڻ" حيدرآباد اپريل 1965ع سال نامو)

بارودن، بم گولن جي ازغيبي پڙلائن تي موهت، مست مگن تي،
اشرف مخلوقات تڪبر جي گهوڙي تي، سنج رکي نافرمانيءَ جا.
فطرت ڪان تخليق جي هرڪا گوءِ کٽڻ لئه.
هن جي سڀ مانداڻ کي چڪنا چور ڪرڻ لئه،
مٽيءَ، پاڻيءَ، باهه، هوا ۾ پري چڙيا انبار سراسر بارودن جا.
ڌرتيءَ کان آڪاس، سڄو ماحول ويو تي زهريلو
سج، چنڊ، تارن، ڪتين جو سنسار ڏڪي ويو
سمنڊ ۽ دريا، صحرا ۽ ڪهسار ڪنبي ويا،
پکين، جيتن، حيوانن جا ساهه سڪي ويا،
فطرت جو ساروئي سهڻو باغ لڳو انسان اجاڙڻ جي پويان،
تڏهين غيض غضب سان پرجي،
فطرت پنهنجي اصولن، قانونن، اختيارن جي طاقت سان،
پنهنجو رد عمل ڏيکاريو بيحد سختيءَ، بيرحميءَ سان.

سج سوا نيزي تي اچڻ لاءِ پنهنجي تپش کي تيز ڪيو
سمنڊ مڇرجي پيا ۽ هوا سان طوفانن جا بند ڀڃڻ جي سٽ سٽي،
جبلن پنهنجا آدجڳادي، اٽڪت، اڻ ملهه، برف ذخيرا ڳاري درياَئن ۾ اڇلڻ
شروع ڪيا،
دريائن برفاني دنيا جو سڀ پاڻي خالي ڪرڻ لئه، سمنڊ سان ڳنجوڙ ڪيو
باهه قيامت بڻجي جبلن جي چوٽين کي ڌماڪن سان ڏاري ڦاڙي،
پٿرن کي پاڻيءَ جيئن پگهاري، ڦوهارن جي صورت ۾،
ڇپين، اُلن، ٽانڊن جي برسات وسائي،
ڌرتيءَ پيداوار جي قوت پوٽي ڪئي،
مٽيءَ پاڻيءَ نين نرالين بيمارين کي جنم ڏنو
ٻوڏن، سوڪهڙن، بيمارين، ڌرت ڌڪارن، طوفانن، ڀونچالن جو هڪ کيل
عجائب جاري تي ويو.
ڌرتيءَ تي انسان جو آئيندو هاڻي ناممڪن تي پيو.
ڪڏهين اڳتي، سج جا ڪرڻا چٽنگون بڻجي،
سڀ جيوت کي ساڙي ڳاري رک ڪندا،

ڪڏهين اڳتي ڌرتيءَ جو هي گولو
سچ سان ايئن تڪرجي وِکري ويندو جيئن ڪو واريءَ ڪوٽ هوا ۾ ڪٽو
ڪرڻ تي ويجي اڏامي.

اشرف مخلوقات جو اهڙو مرضيءَ جهڙو انت ڏسي،
خوشيءَ وچان شيطان هنبوڇيون هڻي، تڪبر سان، اهڙا زهريلا ٽانڊن سان
پريل ٽهڪ ڏنا،
جن جنت جي ديوارن کي گرمائي ڇڏيو
۽ ڇرڪ پري رضوان ڪنن تي هٿ رکيا.

فطرت، جيڪا پنهنجي پياري ٻالڪ يعني اشرف مخلوقات جي رهبر آهي،
۽ جا ارڏاين تي هن کي سيڪت ڏيندي آئي آهي،
تنهن کي آخر ترس اچي ويو.

ٻيءَ گهڙيءَ ۾ هن جي مٽيادار ڇپن تي هڪ آفاقي مُرڪ ڪنوڻ جيان تجلا
ڏيندي ترندي آئي،
جنهن سان يڪايڪ پولارن جون راهون جڳ مڳ چمڪي ويون،
فطرت جي منشا جي اشاري سان انسان ڏسي ورتو آئيندي جو خواب،
نئين ڪنواري ڌرتيءَ ڏانهن هجرت جو خواب.

ڌرتيءَ جو فرزند ڳري پيو نئين نويليءَ ڌرتي ڏانهن هجرت جي تياري
جنهن جي ڪنواري مٽيءَ اندر سانڍيل هونديون ڪئين ڪروڙين سالن
جون سوغاتون
جنهن جي زرخيزيءَ جي سگهه پراڻي، ڌرتيءَ جي ڀيرئين ئي ڏينهن برابر
هوندي،
جنهن جي هوا ۽ پاڻي، ڪاڏو ميوا، ڍڳهو جيا پو آڇيندا.

جنت جهڙي، جنت هوندي نئين ڪنواري ڌرتي
فطرت جو فرزند ڳري پيو جنت ڏانهن هجرت جي تياري

***

# مٽيءَ جو ماڳ

جيون ڪوئي، جهوٽو آهي،
پوءِ بہ حياتي، اٽڪٽ ۽ بي انت مسافر،
پنڌ جو ڪوئي ڇيهہ نہ ڇيڙو
پوءِ بہ زماني جي راهن تي،
ڪيئي ڄمارن جي هيءَ گاڏي،
اڄ بہ رهي ٿي اڳتي هلندي،
مٽيءَ جي هي ماڳ اڃا ڀي سُر ۽ ساز جي من موهيندڙ آلاپن سان گونجي پيو.

ڪڏهين هن جي "اڄ" جي ڪائي سُهڻي سُهڻي "ڪالهہ" بہ هئي.
حال جي هر هڪ ڳڙڪي پويان،
ماضيءَ جي ڪا سندر صورت،
سوچ لوچ جا ڳهڻا پائي،
پارڻ لُپائي، ويٺي ٻهہ ٻهہ ٻهڪي ڇَهڪي.

ڪنهن جي آس ۽ پياس جو تحفو
ڪنهن جي سوچ جو گوشو گوشو
پنهنجي سڃاڻپ جي نيشاني هر ڪو ڇڏي ويو.

مٽيءَ جي هن ماڳ اندر،
ڀاڳ سَڀاڳَ جي اُهڃاڻن جو انت نہ آهي،
قبن ۾ مدفون محبت، عظمت واريون ڪيئي ڪهاڻيون،
گذريل گهڙين جي راهن تان، گذري ويندڙ پانڌيئڙن جون ڪيئي نشانيون،
جهور پراڻيون:

اڻڳڻت هسوارن جي گهوڙن جي ناپولين جا پڳ ۾ پيرا،
فتحمندن جا ڏڳ ۾ ديرا.

مٽيءَ جو هي ماڳ اڃا پڻ سُر ۾ سازَ جي من موهيندڙ آلاپ سان گونجي پيو
پوءِ بہ رڳو خاموشيءَ جا بيجوڙ پڙاڏا ٻڌجن ٿا،
ڪڏهين هن جي ”اڄ“ جي ڪائي سُهڻي سُهڻي ”ڪالهہ“ بہ هئي.

حال جي هر هڪ ڳڙڪيءَ پويان،
ماضيءَ جي ڪا سندر صورت،
سوچ ۾ لوچ جا ڳهٽا پائي، پاڻ لپائي،
ويٺي ڀھ ڀھ ڀهڪي ڇهڪي.

هِن ئي هنڌن تي ڪڏهن وساريل وقتن پنهنجوا وڄ ڏٺو هو
هن ئي هنڌن تي ڪڏهن گلن تي بلبل پنهنجو رقص ڪيو هو
ڪنهن جي آس ۾ پياس جو تحفو
ڪنهن جي سوچ جو گوشو گوشو
پنهنجي سڃاڻپ جي نيشاني هر ڪو ڇڏي ويو.

هن ئي هنڌ تي هنرمندن جي هٿن عجب شهڪار سنواريا،
اهڙا اهڙا وڪر وهايا،
پٿي پٿي جي ڪڏهن نہ هرگز ٿين پراڻا.

اهڙا وينجهرَ،
جيڪي ذات جا ڏيئا ٻاري، رات کي ڏينهن جو روپ ڏئي ويا،
هاڻي سڀ ڪجهہ، مٽيءَ جي سيني ۾ آهي،
پوءِ بہ هِت ئي،
گذريل ڏينهن جي سا جڳمڳ جوت جلي ٿي،
جِهرمِر جِهرمِر، جَڳمَڳ جڳمڳ جوت جلي ٿي،
ڪِرڻو ڪِرڻو ذرڙن کي چمڪائي، چوڏس چنڊ ڪري ٿو
ڪين منجهاران ڪُل ڪري ٿو.

# پيشڪش

ابتدا ۽ انتها جي وُسعتن تي ڦهليل،
زندگيءَ جو شهرُ، شهرِ لازوال،
شورشن ۽ حادثن جي سلطنت،
جنهن جي هڪڙيءَ ڪنڊ تي،
شورشن ۽ حادثن جي آسپاس،
دور اُفتاده بلنديءَ جو مقام،
جنهن تي قائم آهي هڪڙو خوشنما حيرت جو باغ،
پُرسُڪون ۽ پرفِضا، تنهائين، خاموشين جي سرزمين.

وقت جو مالهي عجيب،
ڪنهن عجب اڻڄاڻ شهزاديءَ جي لاءِ منتظر،
دل کي اکين ۾ سمائي،
درد جو دريا وهائي،
پيو سدا پوکي محبت جا نوان تازا گلاب ـ
پيشڪش جي لاءِ خوشبو جو ثمر.

مدتن کان پوءِ ڪڏهين، اوچتو
شورشن ۽ حادثن جي سلطنت جي شاهزادي،
زندگيءَ جي حسن بانو
وقت جي اڻٽڪ اميدن جي گلابن ۾ ٿئي ٿي جلوه گر:
دل ٿي دل ۾ مسڪرائي،
قرب جون ٻانهون وڌائي،
پيار سان پنهنجو بنائي،
ٿي ڪري،
درد جو تحفو قبول!

❊❊❊

## تخليق

ڪيئي اربين سال ڌرتيءَ جو وجود،
ڪئين ڪروڙين سال آدم جو جنم:
دم بدم تخليق جي ميدان ۾،
پيار پُڄائن شرط هستي ۽ عدم.

ڪيترو نئون ۽ وري ڪيڏو قديم،
زندگيءَ جي راهه جو هر هڪ قدم:
هر گهڙي گويا ازل کان ٿي شروع،
هر گهڙي گويا ابد تي ٿي ختم.

سونهن ۽ سرهاڻ جي تقدير ۾،
مکڙين جي مُرڪ لٽبي ٿي رهي:
سج ڪِرڻا ٿي اُپائيندو رهيو،
چنڊ جي چانڊاڻ ساڳي ٿي رهي.

***

# هجرت

اربين سالن کان هي سورجمنڊل آهي قائم پنهنجي توازن سان،
ايامن کان ڌرتي پنهنجي محور تي هردم گردش ۾ آهي،
ايامن کان چنڊ ۽ تارا ڪتيون اُڀ ۾ پيا ٿا چِلِڪن چمڪن،
سمنڊ ۽ دريا، جهنگ جبل، هي وڻ ٽڻ ہوتا چوڌاري،
پکين، جيتن، حيوانن جون ذاتيون لک هزارين،
ڌرتيءَ هيٺان ڏن جون کاٽيون، پاڻيءَ منجهه حياتي،
ڪڪرن مان برسات وسي ۽ مٽي سونهن اپائي،
هي سڀ ڇا جي لاءِ؟
نهيل تڪيل مانداڻ هي سارو
آخر ڪنهن جي لاءِ؟

ڪنهن ڪي آڇي فطرت پنهنجو ايڏو عظيم الشان هي تحفو
جيڪو هن مانڊاڻ جي مقصد ماڻڻ لئه تخليق اندر تخليق جو نئون مانڊاڻ اڏي،
ڌرتيءَ تي نت نوان نرالا منظر ڪي ايجاد ڪري؟
سو تہ فقط انسان ئي هو
ساريءَ مخلوقات ۾ اشرف.

فطرت جو شاگرد اهو انسان وڏو ونهواري هو
ڌرتيءَ کي سينگارڻ لئہ سهڪاري هو
پاڻي، مٽيءَ، باهہ، هوا ۾هن هزارين......
گهُپ انڌيرن، انت اُجالن جي طلسم سان،
حُسن ۽ حيرت جي سنگم تي،
سوين هزارين ڪاڪ محل تخليق ڪيا.
فطرت جي چٽساليءَ اندر
فنڪاريءَ جي بيحد خوب ڪماليت سان،
تبديليءَ جا رنگ رچايا.

فطرت جي همراز انهيءَ انسان، گهڻيون آسيسون ماڻي،
ڌرتيءَ تي ڌاهپ جي مثالي تهذيبن جا جهنڊا کوڙيا،
پولارن ۾ پيهي هن زمان مڪان جا ڀيد پروڙيا،
اشرف مخلوقات، انهيءَ اڙٻنگ وڙوليا ڏنگ سمورا.

ٺهڪ ڏنا شيطان انهيءَ دانائيءَ جي ناداني‌ءَ تي،
عَقل جي آڪڙخانيءَ تي،
پوءِ اُمالڪ،
هڪڙي اٽڪت مرڪ، شرارت جي چٽنگن سان پريل، هن جي جهنم زار چپن تي پڙڪي پيئي
پوءِ يڪا يڪ،
صدين تائين بارودن، بم گولن جا ازغيبي ڪئين پڙلاءَ فضا ۾ گونجي ويا.

ڏاڍيون ڪي اٿلپ شيون مون وٽ هيون،
ڪاش، تون هيڪر ڏسين ها، اي معزز حسن بانو!
هجر جا فانوس، وصل جا چراغ،
آس جا قنديل، اوسيئڙي جي آڳ،
سڪ جون سرخيون، شڪ جون لاليون،
اک اڙيءَ جا ڪجل سرما، دل لڳيءَ جون شان واريون ميندڙيون،
- چاهتن جون قلڙيون ۽ جيءَ جڙيءَ جون چوٽيون،
نينهن نسبت جون مُندڙيون ۽ دل چريءَ جون چوڙيون،
قرب جا ڪنگڻ، اڪيلائيءَ جا آئينا، ملاقاتن جا ڇلڙا،
پنڌ جا پازيب، ڪٽڪن جا وڇونئڙا، شادمانيءَ جا ٽِڪا.

۽ وري ٻڌ اي معزز حسن بانو!
ڪهڙا ڪهڙا مون وڪر آهن وهايا بيمثل،
علم جا مشعل، عمل جون دوربينيون ۽ عقل جون شطرنجون،
سوچ جا سونگا، انهن اندر خيالن جي عطر سا ٺَر ٻُڙا،
حوصلن جون دہليون ۽ خوداعتمادي جا ٻتونئڙا،
عزم جا گلدان ۽ همت جا ڏنگ،
جن ۾ احساسن جو عنبر، مشڪ جذبن جي ۽ يادن جا گلاب،
پيار جي وکري وکر جي ڄاڻ لئہ، جدوجهد جا جام، شربت
زندگيءَ جا فهم وارا،
۽ صُراحيون سُرت واريون،
آه، مون ڇا ڇا نہ سوديو
۽ وري ڇا ڇا نہ ورچيو!
.... هاءِ ڪيڏا ورهيہ گذريا ويا هتي،
وقت جي پيرن جي کُڙڪي جي ڪڏهن ڪل ئي نہ پيئي-
ڄڻ تہ ڪلهہ ئي هن حويليءَ ۾ اچي ترسيو هئس!

پر معزز حسن بانو! هو تہ ڏس،
منهنجي هن بادام جي سهڻي سگهاري وڻ ڪي ڇا ٿيو؟

ڦرَ تہ هي ڪجھ سال ٿيا، اندر ئي اندر پاڻ کايو ڇڏي۔
مان ڏسان پيو ۽ سهان پيو هن جا سڀ انگل مذاق،
اڄ تہ هن تي ڪي وڃي ٿورائي پن آهن بچيا ۔
هي بہ شايد منهنجي ئي سنبت جو ٿيندو،
منهنجا سڀ ساٿي ايئن ئي مڪڙو گهوڙو ويو ڪٽي،
ڏس نہ قدرت جو مذاق، ڪيڏو سنجيدو ۽ سخت!

پر معزز حسن بانو!
تو پڏو هوندو ضرور:
"ڪوئلن جو جو ڪري واپار تنهن جا هٿ بہ ڪارا، منهن بہ ڪارو"
بس ايئن ئي آهي شايد:
سونهن جي سودي ۾ ڪائي سونهن واري،
منهنجي وارن کي وئي چاندي ٿڦي، سهڻو ڪري!
ڪيئن بہ آهي،
شهر جي هر حسن بانو وٽ هئي ڇا هاڪ ۽ ڇا ساک منهنجي
پيار جي وِکري وَکر جي!
تون بہ ڏس، منهنجي اها ئي ساک سمجهي آئي آهين!

.... ۽ مان اڄ موٽي وڃان پيو،
سونهن جي سنسار جا سارائي سرمايا سهيڙي،
زندگيءَ کي پيار جو مفهوم بخشي،
هڪڙي سُر هي ساک واري،
شاهہ سوداگر جي حيثيت ڪٽي.

پر هو تڪڙو مڪڙو گهوڙو؟
ڪيئن ڇئجي،
هو بہ شايد گفتگو پنهنجي پڏي ترسيو هجي،
هائو جيڪا هوءَ گهڙي گذري وئي،
هائو جيڪا هيءَ گهڙي گذري پئي،

سي ئي شايد ٿي وڃن قدرت جي قدمن ۾ قبول!

معاف ڪج اي حسن بانو!
منهنجي ڳالهين تي نہ آڻج ڪو خوشامد جو گمان،
تو ٻڌو،
پيار جو هر ڪو وکر مون وٽ تہ ڍيرئون ڍير هو،
۽ نہ آءُ رهيس ڪو ويسرو
سڀ ڪپائي، اڄ تہ پالهو ٿي وڃان پيو:
خالي خرزينن جي اندر،
نالي ماتر،
خاڪ جي رتي بہ ناهي.

سچ چوان ٿو اي معزز حسن بانو!
سونهن جو سوڳند کڻي سچ ٿو چوان:
سونهن جي سيني وڙن ۾ تون تہ مالامال آهين،
جي ڏٺم تن ۾ نہ هئي ڪا تنهنجي پائي جي امير:
تون تہ مٽي جي مٿانهيءَ کان وٺي
پيرن جي ترين تائين آهين ڪو صنم،
تون مجسم سونهن آهين،
تون سڄي ئي سون آهين.
ڪاش، مان پهرئين ئي ڏينهن توکي ڏسان ها،
۽ سمورو پيار جو وکرو وکر تنهنجي سر تان اوري گهوري،
تنهنجي قدمن ۾ رکان ها،
هڪڙي مفلس جو سو نذرانو حقير!

ڏس تہ مون ساري حويليءَ جا سيئي فانوس ۽ قنديل
۽ مشعل اجهائي هٿا ڇڏيا،
سڀ ملازم حاضريا ۽ خاڪروب ڪلهہ ئي فارغ ٿي ويا،
مال ساري سودي جو مون ڪلهہ ئي ڇڏيو هو اماڻي،

نفرتن جا، بغض جا، دوکي دغا ۽ حسد جا،
جيڪي کوٽا وڙملاوت ٿي مليا هئا،
سي سيئي هو صحن ۾ اڇلي وجان پيو
بس اها حسرت ڪٽي ويندس تہ مون وٽ توکي آڇڻ لاءِ ڪو تحفو نہ هو.
.... اوهہ ڪا شيءِ پئي هُري منهنجي مٽي ۾!
هائو هائو ترس مون کي صرف ڪجهہ ئي ساعتون مهلت کپي،
جيسين آئون پنهنجي خلوتگاهہ ۾ پهچي وڃان.

آهہ ! دل ڪيڏي ڳري هئي!
ڪجهہ نہ هو پر ڪجهہ تہ آهي

ڪيترو ئي تڇ سهي،
هان، اڃي، هي چپٽيءَ احساسن جي عنبر جي وٽي ڇڏ،
هيءَ ذرڙي مشڪ جذبن جي بہ ڪڻ،
۽ هي وٽ ڳاڙهو گلاب ياد جي خوشبوءَ جو.
ڪيئن الائي طاق تي رهجي ويون هي چند چيزون،
بس اهي ئي قبول اي معزز حسن بانو!
.... خوب! خوب!
تون تہ ڪا دل جي بہ ڏسجين ٿي امير!
مون تہ پنهنجا آخري احساس ۽ جذبا بہ توکي ڏئي ڇڏيا،
ڪيئن ڪريان اظهار تنهنجي قرب جو؟

ڇا ٿي سوچين حسن بانو؟
مون کي وڃڻو ئي تہ آهي،
توکي رهڻو ئي تہ آهي:
جيسين نازل ٿئي اچي هو مڪڙو گهوڙو
اڄ ملهايون شادمانيءَ جو جشن،
تنهنجي پياريءَ سونهن جي ۽
منهنجي سهڻي پيار جي سنگم جي سهڻي ۽ پياريءَ ياد ۾:

ڪنهن مومل جي خوشين جي گهڙين جي ساٿي،
يا ڪنهن ٻانهياريءَ جي ڳورين ٻانهن ڪان ڪا وچڙيل ٻانهين،
ڇڻڪي ڇمڪي، سُڏڪي سُڏڪي چُپ ٿي ويئي.

هي مٽيا، هي ماڻڪ موتي،
سورٺ جو سينگار بڻيا هئا:
مارئي جي لَڄَ، لِيلا جي لئہ موهُہ بڻيا هئا:
نوريءَ جي لئہ نياز بڻيا ۽ سَسُئيءَ جي لئہ سورن جي سوغات بڻيا هئا:
هي مٽيا، هي ماڻڪ موتي،
روپ وتيءَ ڪنهن ڪونجل ناريءَ پنهنجي ڳچيءَ ۾ پاتا هوندا:
جوڀن جذبا جاڳيا هوندا:
ڀهڪيون هونديون ڀاڳ سياڳ جون روشن راتيون.

هيءَ ئي آهي،
هيءَ ئي آهي،
سونهن ڀري سا سهڻيءَ ڌرتي:
مٽيءَ جو هي، ماڳ اڳي هو،
اج ٻيو آهي ماڳ مٽيءَ جو.

ڪنهن جي آس ۽ پياس جو تحفو
ڪنهن جي سوچ جو گوشو گوشو:
پنهنجي سڃاڻپ جي نيشاني هر ڪو ڇڏي ويو.

ڪلهہ جي ذات جو سورهيہ سياڻو،
اج جو ڄامُ سُيان جو راڻو!

مرڪزي خيال عطا "شاد" جي هڪ مختصر نظم
تان، پي ٽي وي لاءِ تصويري فيچر 1979_04_16

# الوداع

ڪير دروازي تي آهي،
رات جي پوئين پهر،
هن مهل، هن حال، سيءَ واءَ ۾!
ڪو مسافر؟ يا وري هن شهر جي ڪا پيار سوديندڙ معزز حسن بانو؟

مرحبا، اي معزز حسن بانو!
اچ، اندر اچ،
منهنجي هِن مَشعل جي هَلڪي روشنيءَ ۾.
ڪيڏي سردي آهي ٻاهر!
هن ههڙيءَ لڱ ساڙيندڙ هوا ۾،
ڪيئن نڪتي آهين تون؟
ٻت سڄو تنهنجو رڱي پيو،
هٿ ڏڪن پيا ۽ ٽنگون ٽڙڪن پيون:
ويهه هن صندليءَ ڪي سيري، هن بخاريءَ جي اڳيان،
ٻاهه تي پنهنجا نريل هٿ پير سيڪ.

ترڪماني اُنَ جو هي ڪشمشي ڪمبل ڪلهن تان
لاهي هن صندوق تي ليٽائي ڇڏ،
۽ هي وٽ چندن جون ڪاٺيون،
ٻاهه ۾ وجهه،

جيئن تنهنجي ساهہ کي سرهاڻ جو ساهَہُ مليؤ:
تيستائين آءٌ تنهنجي لاءِ ڪريان قنديل ڪافوريءَ کي روشن،
جيئن ڏسان، سونهن جا کهڙا وکر آندا ٿئي.
سونهن جو درياهہ وهي پيو....
جنهن جي ڇولين ۾ رڳو پيا مرڪ جا موتي ڇُلن،
جنهن جي موجن تي رڳو پيا تير نظرن جا ٽرن،
جنهن جي لهرن ۾ جوانيءَ جون هٿيليون پوپريون،
ٽڙڪنديون، پچنديون وتن،
جنهن جي ڪنڌين تي رڳو چاهت جون چنبيليون ٽڙن.

سونهن جو درياهہ وهي پيو....
ناهي جنهن جو آر پار،
جنهن جي هر قطري ۾ نيرانين نگاهن جو خمار،
هر نظارو جنهن جو، قدرت جو نرالو شاهڪار،
حيرتن ئي حيرتن جا ڪاڪ، جنهن پاسي نهار.

آه، ڏاڍي دير ٿي وئي، اي معزز حسن بانو،
مان تہ وينو هوس هاڻي واپسيءَ جي لئہ تيار،
بس سواريءَ جو ڪيم پئي انتظار:
ڪنهن بہ ڻاڻي اچڻو آهي آسماني مَڪڙو گهوڙو،
جيڪو ڪنهن مهلت بنا ٽيندو فرار.

تيسين هڪڙي التجا مون کي ڪرڻ ڏي،
اي معزز حسن بانو!
جنهن گهڙي وارد ٿئي هو مَڪڙو گهوڙو،
هائو پنهنجي انهيءَ ساڳي ڪائناتي خوش نظر سان،
بدخشاني لعل جهڙن لال چپڙن جي مدامي مرڪ سان،
مون کي ڪج تون الوداع،
مون تي تنهنجو هي وڏو احسان ٿيندو.

۽ اهو ئي سونهن جو سرمايو شايد،
منهنجي لاءِ آخري تسڪين جو تحفو ٿئي.

.... مان جڏهن ڪجھ سال اڳ،
پيار جي وکري وکر جون خوب خرزينون پري،
ڏور ڪان آيس ”عدم نگري“ ولايت مان هتي،
تنهنجي هن شاهي شهر ۾،
هڪڙو معمولي، ننڍو گمنام سوداگر هئس،
پوءِ آئون پيار جي ناياب جنسن جي بدل،
سونهن جون ڪمياب ۽ نادر وٿون ڏوريندو سوديندو رهيس...

رنگ ۽ آواز جون سونيون ۽ روپيون اشرفيون،
مشڪ بو وارن جو ريشم، رت ـ ورنن چپڙن جون لعلون،
شبنمي ڏندن جا موتي، ڏورين ٻانهن جي مرمر،
ڪونئرن پيرن هٿن جا بخمل، ۽ الماس خوابي اکڙين جا،
ڪي تہ بيحد بي بها چيزون ملبون:
درد دل جو پور، پيڙا، خواب، اوجاڳا، جفائون،
واعدا، يادون ۽ ٻيا پڻ ڪيترائي قيمتي پٿر مليا:

ناز ۽ انداز شوخي ۽ شرارت جا گهڻائي خوشنما گوهر مليا:
گيت مالائون سريلن ٽهڪڙن جون،
۽ ڏکڻ جي هير جهڙين ٿڌڙين مرڪن جون چاندوڪيون،
گرم لڙڪن جي ٻاڦ:
سادگي، سچائي، قرباني، وفا، پاڪيزگي،صبر ۽ حيا جا
جيڪي چندن هار مون ڏوري ڏنا،
تن جو ڪوئي ملھہ نہ هو.

مون بہ خرزينن جا منهن کولي ڇڏيا:
پيار جا جيڪي بہ وڙ آندا هئم،
سونهن جي سودي ۾ بيپرواهہ آڇيندو رهيس،

آءٌ روشن ٿو ڪريان ساري حويلي جا سيئي فانوس، سڀ قنديل ۽ مشعل سيئي،
پوءِ گڏجي پاڻ ڏينداسين سلامي،
پنهنجي ساٿي پنهنجي هن محبت جي شاهد،
هن اڪيلي پوڙهي وڻ کي.

❋❋

مان ٻڌان پيو
ڪو وڏو مشّاق، فطرت جو مغني،
اڻلکن ملڪوتي سازن جي انوکيءَ ليءِ تي پراسرار آفاقي سرن ۾
ڳائي پيو ڪو ابدي نغمو
جنهن سان سارين ڪائناتن جون اکيون،
هوريان هوريان،
ننڊ ۾ ٻڏنديون وڃن.
.... ها اهو ئي واپسيءَ جو گيت آهي:
اچ، اندر اچ، ڪيڏي سردي آهي ٻاهر!

منهنجي پياري حسن بانو!
منهنجي احساسن جو عنبر،
مشڪ جذبن جي ۽ ياد جو گلاب،
پيار پنهنجي جون نشانيون،
سانڍي رکجئين،
۽ سدا رکجانءِ روشن هن حويلي جا اهي قنديل فانوس ۽ مشعل سيئي،
جيئن اسان جي اڄ جي شاهد،
هن اڪيلي وڻ کي اونداهيءَ جا پاچا گم نه ڪن!
هائو تنهنجي لال چپڙن جي اها روشن مدامي مرڪ مون سان ساڻ رهندي...
الوداع!
منهنجي پياري حسن بانو الوداع!

❋❋❋

# چنڊ سان چاهه

سچ جي سونهن جو ديدار ڪرڻ جي خاطر،
سونهن جي سچ کي هڪوار پسڻ جي خاطر،
سچ ۽ سونهن جا ساڪي سهي سنبري نڪتا،
زندگي جا لاءِ اڳو پوءِ مرڻ جي خاطر.

هڪڙو موسي هو ويو طور، تجليءَ خاطر،
هڪڙو عيسيٰ هو چڙهيو دار، تسليءَ خاطر،
شاهه گوتم هليو بنواس هو جوتي ماڻڻ،
ويو محمد حِرا حسنِ ازليءَ خاطر.

چنڊ ۽ چنڊ جي چانڊاڻ سراپا سهڻي!
چنڊ ۽ چنڊ جي چانڊاڻ سراپا سچي:
چنڊ جي چاهه ته بي انت چڪورا ماريا،
سونهن ۽ سچ جي سَڏ ۾ ڪا حياتي نه بچي.

هڪڙو هو رام نه جيڪو هو ٿيو تيسين رام،
چنڊ جهولي ۾ جُهلي آيو نه جيسين هن جي،
ڪوڙ جي سونهن اجا تائين ڏني پيئي فريب،
اڄ جي هر رام کي آرسي آهي نڪ تي.

منهنجي لئه طور تجلي، سو ته ناممڪن،
منهنجي لئه دار تسلي، سو ته ناممڪن،
ملي گوتم جي ٻُڏي مونکي، سا تقدير ڪٿي،
مان ڏسان حسنِ ازلي، سو ته ناممڪن.

چنڊ سان چاهه ته هر حال ۾ رکڻو آهي،
روح ريجهي ته پوءِ رام ٿيڻ ۾ ڇا هي:
ڪوئي چانڊاڻ ۾ ڏئي آرسي منهنجي هٿ ۾،
چنڊ کي جهول ۾ گهوري ته ڏسان، ڪيئن آهي!

***

# تخليق جو اعتڪاف

هر ڪو ڄاڻي،
ساري دنيا ٿي سڃاڻي،
مان وڏو ليکڪ، مان وڏو شاعر ۽ دانشور، وڏو عالم اديب:
منهنجي هر هڪ حرف ۾ تدبير جي جادوگري،
منهنجي هر هڪ لفظ ۾ تقدير جي صورتگري،
منهنجا نغما، منهنجا گفتا، جڻ تہ سحرِ سامري:
اهڙي منهنجي شاعري،
جنهن سان جاڳي قوم ساريءَ جو نصيب:
قوم چاهي ٿي مان لکندو رهان،

سنڌ جي سانگيئڙن، جهانگيئڙن، ماروئڙن جون حالتون،
ڏسندو رهان، لڇندو رهان،
سنڌ جي سورن اندر سڙندو رهان، پچندو رهان،
قوم چاهي ٿي تہ ڪي نغما انوکا ڳائجن،
سونهن ۽ سرهاڻ سان ناتا نوان ڪي لائجن،
هجر جا ۽ وصل جا مفهوم ٿي بدلائجن،
عشق جي نظرن کي ڪجهہ وسعت ڏئي،
حسن جا معيار بيا ڪي ٺاهجن،
۽ سچي تاريخ تي ليڪا ڏئي،
جنگ جا ۽ امن جا مطلب سيئي ڦيرائجن،
قوم چاهي ٿي، وري
شاهہ ۽ سچل جيان،
سچ جا پنيث وڏا پڙڪائجن،
مچ تي ميڙا ڪجن،
۽ وري ٽانڊن تي واريل گيت ڳاڙها ڳائجن،
مون انهيءَ جي لاءِ اڄ تخليق جي هڪ نئين نراليءَ پٽ تي،
فڪر جي هڪ نئين درازا شهر وٽ،
اعتڪاف آهي ڪيو خود اختيار،
مان ڏسڻ ڊاران ڏسان پيو هر ڪو منظر، هر ڪو حال،
مان ٻڌاڻ ڊاران ٻڌان پيو هر ڪا ڳالهہ،
مان انوکا گيت پيو ڳايان وري،
جن کي ڪي الفاظ ناهن،
جن کي ڪوئي سُر نڪو آواز آهي:
ماٺ جا نغما اُهي،
گيت ڳاڙها، لال، ٽانڊن تي ورايل،
توکي ٻڌجڻ ۾ اچن ٿا؟...
-ڪاش توکي باهہ جهڙا لال ڳاڙها ڪن هجن!

***

# جيسين سج ايري

انت اونده رات آهي،
سوجهري جو ڪوئي ڪرڻو ڪنهن هنڌان ڏسجي نٿو
تڏ ايڏي سخت، توبه،
پهرئين ٿي پهر پارو پيو پوي!
سيءُ سنڌن کي سڪائي، لڳ ڇڏي لوساٽيو
پير هٿ پٿر جيان ڄميو پون،
ساهه سان ڄڻ برف پئي ڦڦڙن اندر سيرون ڪري!
اهڙي حالت ۾ ڀلا،
ڪير تو ٻاري ڏيئا،
۽ وري ڪنهن کي سُجهي ٿو گهر جي درين ۽ درن کي بند ڪرڻ؟
بُت رڦن پيا، ڄاڙيون ڪڙڪن پيون،
ڪير تو ويهي ڪچهريءَ ۾ کِلي ڳالهيون ڪري؟
ايڏي اونده، ايڏي ٿڌ!
اڳ ته اهڙي رات ڪڏهين ڪانه آئي.
سڀ سويري ٿي وڃي سوڙين اندر آهن پيا!
ٻارڙا سوڙين منجهان گهونگهٽ ڪڍي، اکين کي مچڪائي پيا گهورين
اونده جو اگهور.
جنهن ۾ ڪوئي سج ناهي،
جنهن ۾ ڪوئي چنڊ ناهي،
جنهن ۾ ڪوئي تارو به چمڪي ڪو نه ٿو.
ذهن جي تاريڪ پڙدن تي فقط چمڪن پيا اونده جا ڪارا ترورا.

ڳوٺ کان ٻاهر، وڏي ميدان تي،
شاهي ڪو آڙاهه پيو پڙڪا ڪري،
جنهن جو لاٽون اپ تائين ٽيون پُڄن:
ٽڙڪندڙ شعلن جي دهشتناڪ پاڇولن وچان،
بيرحم ٽهڪن ۽ وحشتناڪ واڪن، هوڪرن سان،
ساروئي ماحول ڪچڙي گاهه جيان لرزي پيو:
ناچ شيطاني هلي پيو شام کان.
چوطرف آڙاهه جي،
ڪئين سوين شيطان هنبوڇيون هڻن پيا:
ڏڙ سپن جا ساڳيا ماڻهن جيها،
پر منڍيون تن تي مِرُن جون مختلف۔
ڪي بگهڙ ڪي پولڙا، ڪي رڇ ۽ سوئر پيا ڏيکارجن،
ڪي وڇون، ڪي نانگ ڪارا، ڪي ڳجهن جهڙا لڳن:
پيچ لوڏي، ڏند ٽيڙي،
ڪِل ڪيچل سان وڏا واڪا ڪري،
باهه ۾ هڪ هڪ ڪري وجهندا وڃن،
سڀ اهو سامان، جيڪو پاڳين جي ننڍ هوندي،
شهر جي ڪليل گهرن مان گڏ ڪري آندو اٿن.

**

ڳوٺ جي هڪڙيءَ پراهينءَ ڪنڊ ۾
جهوپڙيءَ ۾ ليٽيل ٻن ٻارڙين، رلين جي هيٺان ٽڙڪندي سُس ڦُس ڪئي.
۔"شاهه سائينءَ جو رسالو مون رکيو آهي لڪائي، پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي"
۔"مورتي مُهين جي نچڻيءَ واري آهي مون بہ سوگهي ڪئي لڪائي،
پنهنجي ڇاتي سان لڳائي"
۔"بس تہ پوءِ ماٺ ڪر، شيطان ٻڌندا"
۔"هائو جيسين سج اڀري"

جامشورو: 1995_10_20

# لومبا جي شهادت

عشق جي سُنسان واديءَ جي قريب،
درد جي درياهه جون طُغيانيون
رفتي رفتي بيڪران بڻجي ويون:
قطري قطري ۾ محبت جو شعور،
قطرو قطرو ڄڻ زماني جو ضمير.

فاصلن جون وسعتون ڪنهن جي لئه؟
وقت جون پيمائشون ڪنهن جي لئه؟
فڪر ڪڏهين تي سگهيو آهي اسير؟

***

# پراڻا حربا

(حسن ناصر جي شهادت تي)

تنهنجي ترڪش جا سيئي تير ڪتي ويا شايد،
ڪو نئون وار ڪرين ها تہ مڃان ها شايد.

هي تہ صدين جا پراڻا اُهي حربا آهن ،
جن کي هر دور ۾ حاصل ٿي فقط ناڪامي،
جن کي هر دور ۾ دهرائي ڏٺو آهي تو
جن سان هر دور ۾ هارائي وئي سلطاني.

تو وري حُسن کي پڇري ۾ لڪايو آهي،
تو وري عشق تي الزام لڳايو آهي،
تو وري ظلم کي مهمان بڻايو آهي،
تو وري زنده ضميرن کي ستايو آهي.

تون وري زهر کي ماکيءَ سان ملائين ويٺو
تو وري حق جو آواز دٻائين ويٺو
تون وري قيد جي ديوار اَڏائين ويٺو
تون وري سچ کي گوليءَ سان اُڏائين ويٺو.

منهنجي تخليق جي انسان کي ڦاهيءَ چاڙهي،
تو وري مون سان مقابل بہ ٿيڻ ٿو چاهين.
تون کي معلوم بہ آهي تہ اڳين جو ڇا ٿيو
تو وري پنهنجو تماشو بہ ڏسڻ ٿو چاهين!

تون نہ ٿو ڄاڻين تہ مان وقت جو فرزند آهيان،
منهنجي لئہ آد کان هي راند جو ميدان آهي.
ڪوئي مون کان نہ ڪٿيو آهي سِرن جي بازي،
منهنجي هر چال ۾ نئين دور جو انسان.

***

# محاذ

(بلوچن جي مزاحمتي جنگ بابت)

هڪڙي پاسي بم بارود،
ٻئي پاسي دل جو دود:
جنگ لڳي وئي آهي زوردا!

بستيءَ بستيءَ آهي هجوم،
هڪڙا ظالم ٻيا مظلوم،
هر هنڌ آهي هڪڙي ڏوم،
رهڻو ناهي ڪو محڪوم،
مارينداسين سڀ مردود،
جن جي فاتحا ۽ نه درود:
بند ڪريو سڀ ساز سرود،
جنگ لڳي وئي آهي زوردا!

(ماهوار ”روح رهاڻ“ حيدرآباد جولاءِ 1964ع)

# زندگي جا سؤ سوال

زنـــدگـــيءَ جـــا ســـؤ ســـوال
كـــيـــر تـــو پـــورا كـــري؟

آهـــي كـــو مـــائـــيءَ جـــو لال،
آهي ڪو حاتم جي همت جو مثال،
مـوٽ ۾ ماڻـي مـحـبـت جـو وصـال:
زنـــدگـــيءَ جـــا ســـؤ ســـوال،
كـــيـــر تـــو پـــورا كـــري؟

❊❊❊

# زندگيءَ سان پيار

زندگي ڪيڏي حسين،
زندگي ڪيڏي جوان،
زندگيءَ جون قربتون ڪيڏيون عجيب!
حسن حيرت ۽ جوانيءَ جون گهڙيون
هر محبت جي فساني جون ڪڙيون:
آرزوئن جي زمين،
حسرتن جو آسمان،
هر جوانيءَ جي نگاهن جو نصيب.

زندگي جهومي پئي،
زندگي ڳائي پئي،
زندگيءَ سان جهوم جهوم،
زندگي سان ڳاءِ ڳاءِ،
موت کان انڪار ڪر،
زندگيءَ سان پيار ڪر،
زندگيءَ سان پيار ڪر!

(ماهوار ”روح رهاڻ“ حيدرآباد. جون 1964ع)

# خدايا

خدايا، خدايا، زمينن جا مالڪ،
خدايا، خدايا، اي آدم جا خالق،
اي آدم جا خالق،
زمينن جا مالڪ،
خبر آهي توکي خداوندِ عالم،
تہ تنهنجين زمينن تي،
تنهنجي خدائيءَ ۾
شيطانن جي بادشاهي هلي ٿي،
هتي سيم و زر جي خدائي هلي ٿي؟
خبر آهي توکي، خداوندِ عالم!

❊❊❊

# پُور

ڪير ٿو ڪنهن لئہ جيئي،
ڪير ٿو ڪنهن لئي مري،
ڪير ٿو بنجي زماني جو اسير،
ڪير ٿيندو بي ضمير.

زندگي تقدير جو تحفو سهي،
موت آدمزاد جو ورثو سهي،
زندگي چو موت ۾ پائي نجات،
موت ڇا جي لئہ پيئي آبِ حيات؟

05_03_1966

# ڪينجهر جي اڪيلي ڪونج

زبان گونگي، اکين ۾ ڳوڙها، ڪنن ۾ گولين جي گونج آهي،
هي ڪير آڪاس ڏي اڏاڻو اداس صدين جي سونجهه آهي.

هوا ۾ بارود جي ڌماڪن جي تيز بدبو،
گهٽين ۾ بيهوش آهي خوشبو:
سڄي شهر جي دلين دماغن ۽ ساهه سينن ۾ مونجهه آهي.

اونداهي اڌ رات ۾ ٻُريا ٽي جي سڏ پڙاڏا،
اُهي يڪايڪ الوپ ٿي ويا:
وڇڙي پنهنجي ولر کان مڪار مارين بيقصور ماري،
اڪيلي ڪينجهر جي ڪونج آهي.

(بينظير جي شهادت 27_12_2007ع تي پي ٽي وي لاءِ)

# سنڌ جو ضمير

آهي ڪو نظير بي نظير جو؟
اگر هجي، جتي هجي، اچي هتي، ڏسي اچي نشان اوچو تير جو.

خيال ۾ خطاب ۾ سوال يا جواب ۾
نظر اچي ٿي ڪنهن کي اهڙي هستي ڪائي خواب ۾
اچي ٻڌائي منصفن اڳيان ضرور، بالضرور فيصلو ضمير جو.

شهيد ٿي، سعيد ٿي، سا موت کان بعيد ٿي،
ڏسي ٿي پنڌ پيچرا، نظر نظر جي ديد ٿي،
وڌائي ويئي همتن جي باب ساڻ قصور داروگير هو.

سموري جڳ ۾ نامور، پنهنجي تر جي تاجور،
دردمند عوام جي ۽ امن جي پيامبر،
نرالو هي تہ شاهڪار صاف آهي ڪرشمو سنڌ جي خمير جو.

***

# همسفرو!

چپ چاپ هلو
هوشيار هلو
اي همسفرو!
ماحول ڀيانڪ ٿو ڏسجي،
ڪٿ راھ جا خطرا آهٽ تي جاڳي نہ پون!
اي همسفرو!
چپ چاپ هلو.

خاموش! ذرا هوشياريءَ سان!
اڄ رات ڪٺن آئي آهي،
هي راهگذر منزل جي سفر ۾ سيني ڪان دشوارگذر آئي آهي!
ـ هلندا تہ هلو اي همسفرو!
اڄ رات اچانڪ پئجي وئي،
ان دشتِ مصائب ۾ پهچي،
جو دشتِ مصائب ٻڌجي ٿو بيرحم دردندن جو مسڪن:
جنهن جهنگل ۾،
هن ڪان اڳ ۾،
ڪئين قافلا ڦرجي لٽجي ويا،
۽ ڪيئي مسافر، پنهنجو متاع و مال لٽيرن کي بخشي،
هن جهنگل جي خنزيرن جي خوراڪ بڻيا!

اي همسفرو!
هڪٻئي کي سنڀاليندي گذرو!
رستي جي ڪنارن ۾ ٿي هتي،
اونداهن گهِرَن غارن ۾
ڪئين لُنڍيون، تَڪلا، ڳوراهيون
هڻ ڪڻ ۽ هزارين ازدهائون،
ڪئين نانگ وڇون،
خوراڪ جي لئہ چالاڪ بڻيا، ڦڻ ڦهلائي گهمندا هوندا!

چپ چاپ هلو۔
هن جهنگل جي پُرهول وٽن جي پاڇولن ۾ پوت آهن!
خاموش هوا کي ڪن آهن:
جاڳي نہ پون پاڇولن جا خونخوار بگهڙ،
ڀڙڪي نہ اٿن، تاريڪ فضائن جي گهِرَن غارن جي اندر
پوشيده نظر بگهڙن جي نگاهن جا شعلا!

هوشياريءَ سان
اي همسفرو!
هن جهنگل ۾ چيتا ۽ ببر ۽ ڳورپٽون،
۽ بُجِر رڇن جا ٽولا،
۽ سوئر ٽولن جا ٽولا ،
هر وقت شڪارن جي پويان ،
ڦرندا ٿي وتن ٿا چڪر ۾!

هلندا تہ هلو اي همسفرو!
اڄ رات ڪٿن آئي آهي،
هوشيار رهو ۽ دم سانديو، هلندا ٿي هلو...
ليڪن هي ڇا؟
ڪجهہ ساهہ جي تيزيءَ جي هلڪا آواز ڪنن ڪان گذرن ٿا،
۽ قدمن جي آهٽ بہ قريب ٿي ٻڌجي ٿي
۔شايد ڪي رهزن موقعي جي ڳولا ۾ ڊوڙون ٿا پائن،
هيءَ راهزنن، نانگن ۽ مِرُن، پُرخوف انڌيرن جي دنيا؟
ڀلجان تہ نٿو اي همسفرو!
ها، ياد آيو:
ها ها، هي اهو ٿي رڻ آهي!
خوش ٿيو ۽ مبارڪ ملهايو!
ان دشتِ مصائب مان ٿي هينئر گذرون ٿا اسين،
جنهن جي پويان،
ٿورائي قدم،

منزل جي سندر ديويءَ جو استان آهي-
جت شوخ، حسين، شفاف بدن ڪنيائون،
سفيد ۽ صاف لباسن ۾، هردم،
مصروفِ تبسم ۽ رقصان،
شيدائي بنيون،
منزل جي ويرين کي تيون سڏن!

ڪجهہ ٻڌجي ٿو اي همراهيو؟
ڪن لائي ٻڌو:
منزل جي مندر جي گهنڊ جو آواز ٻڌو ٿا، اي ساٿيو؟
بس، چند قدم منزل آهي!
اڳتي ئي هلي منزل ٿيندي!
هلندا ئي هلو وڌندا ئي هلو
تاريڪ فضائن جا سينا همت جي چراغن سان چيري،
وڌندا ئي هلو!
ڪجهہ عزم سفر کي تيز ڪريو:
هيءَ رات اجها گذري ويندي،
۽ صبح جي ظاهر ٿيندي ئي منزل تي پهچائي تي ويندي!

اي همسفرو
بس جاڳ رکي،
هوشياريءَ سان،
هلندا ئي هلو:
هڪ ٻئي کي سنڀاليندي گذرو!
بس چند قدم،
بس چند قدم منزل آهي!
هلندا ئي هلو
هلندا ئي هلو
اي همسفرو!

***

# مسرت جي منزل

زمانو نہ بيٺو
ڪڏهن قافلا زندگيءَ جا نہ بيٺا!
هي منزل جا دوڪا, هي دوڪن جي منزل،
هي خوش فهميون ۽ غلط فهميون،
هي منزل جي رخ تي هزارين ئي وٽڪار جا ڪاڪ ـ محلات،
پنهنجي ڪمالات جي دلڪشيءَ سان،
هر هڪ راهرو قافلي کي، ايئن ٿي، پيا عيش آرام
جون دعوتون التجائون سجيندا!
نهايت ئي مسرور آهن نگاهون،
نهايت ئي مشڪوڪ آهن نظارا ـ
تصور جي تخليق جا ڪارناما،
هي بيجان پٿر، ٿر جي مورن ۽ شيرن جي بيروح،

بي پهچ بتن جون سؤ سؤ قطارون،
هي گمراهين جون هزارين مزارون،
مڙئي ڪوڙ آهن. (مگر چند آثار الزام جي دائرن ۾ نہ آهن)
اهي سڀ نظارا،
اسان ڪان اڳي ئي، زماني جي راهن تي پنهنجي
قدم آزمائي ڪندڙ پيشروئن جي جولان جي ڊوڙ آهن.
مسرت جي منزل جي تاريخ بيحد پراڻي پراڻي،
ازل ڪان ابد جي مسلسل ڪهاڻي!
هي منزل نما سائبانن جا ڪنڊر،
هر هڪ راهرو قافلي جي نشاني،
شڪستہ ۽ ويران:
انهن تي تعجب ڪريو يا نہ ڪريو
اهي سڀ ايئن ئي، اتي ئي، زماني جي پرزور،
پيرن ۾ پامال ٿيندا!
گهڻي دير تي وئي انهن ڪي تڪيندي،
وري رات تي وئي انهن ڪي تڪيندي،
وري رات آئي، وري صبح ٿيندو
ايئن ئي، انهن رات ۽ ڏينهن جي سلسلن ۾،
زماني جي رفتار جو علم عرفان ڏيجي ويجي ٿو!
زماني جي تاريخ تي هڪ نظر،
ٿي بخشي ازل ۽ ابد جو شعور،
مسرت جي منزل طرف هڪ قدم،
ڏئي ٿو نئين زندگي کي جنم:
سدا لازوال آهي انسان جي عظمتن جو ظهور!
اها آهي بس زندگيءَ جي حڪايت،
اٽل آهي بس وقت جي رهگذر تي نظارن جي
تبديلين جي روايت.
تہ اي همسفر ساٿيو مهربانو

مسرت جي منزل جا راهي جوانو!
پُڪاري پئي وقت جي عام نوبت:
نرالن نظارن جي تخليقن جا ڪارناما، اوهان جي
جهان ساز نظرن ۾ مستور آهن،
خوشيءَ جا خزانا، مسرت جا هي لمحا تازا ترانا،
اوهان جي سخن ساز شيرين زبانن جو دستور آهن،
اوهان جي سدا صاف فڪر و عمل ۾،
حياتيءَ جي فنڪارين جا هزارين ئي شهڪار معيار موجود آهن-
مسرت جي منزل پڪاري پئي:
عبث آهي ماحول جي متجندڙ منظرن تي قناعت،
اٿو ڪُوچ ڪريو!
قدم باقدم، وقت جي رهگذر تي،
خوشيءَ جي ترانن جي جهونگار ڪريو
نرالن نظارن جو اظهار ڪريو!
۽ جيڪي طلسمات جي ڪاڪ- محلات ۾ ڪوئجي ويا،
انهن کي ڇڏي ڏيو ايئن ئي، سندن حالتن جي حوالي:
پلي واٽڙن جيان نگاهون ڄمائي،
بنا سرت، چپ چاپ، بيٺا رهن سائبانن جا بيڪار ڪنڌر تڪيندا!
انهن تي تعجب ڪريو يا نہ ڪريو
اهي سڀ، ايئن ئي، اتي ئي زماني جي پرزور پيرن ۾ پامال ٿيندا!
زمانو نہ بيٺو
ڪڏهن قافلا زندگيءَ جا نہ بيٺا!

***

# ڪاغذ جو گل

ختم ٿي ويا رنگ و بُو جا مشغلا،
ويا وڌي ضبطِ فُغان جا مسئلا:
باغبان ڏيکاريو ڏاڍو ڪمال،
پر اڃا رهجي ويو هڪڙو سوال:
تون ڀ اِي قدرت جا قائل، ڪجهه ته ڪُل،
پوئتر ڪيئن سونگهي پلا ڪاغذ جو گل؟

(جنرل ايوب خان جي آئين بابت)

# جنگ جو ديوتا

رات چانڊوڪي هئي،
ٿڌڙي ٿڌڙي ڇُوٽ، گهِميل هئي هوا،
جنهن تي ترنديون آيون ٿي بي روڪ ڇاتون،
سنڌڙي انبن جي سرهي ٻُور جون،
اڀ تي تارن ڪئي ٿي ڪيچلين ڪڪرين سان هر دم،
لڪ لڪوٽي راند ڪيڏيءَ مهل ڪان،
۽ هتي هڪڙي ٻهاڙيل پڊ تي،
ڳوٺ جا ڪي ٻارڙا،
رات ڪان ٿڪجي ٿڪي، گهيرو ٻڌي،
ڪن پيا ڪچهري قرب جي،
اوچتو
ٿڌڙيءَ ٿڌڙي ڇوٽ، گهميل هوا تي،
توڙي ٿي پنڌ تان،
ترندا آيا ڪي وڏا آواز، جڻ گوليون هجن،
ٻارڙا ڇرڪي اٿيا،
۽ وري ويهي رهيا،
”ويهو ويهو“ هڪڙي وڏڙي ٻارڙي ڪلندي چيو
”جهنگ ۾ ماري شڪار ڦرندا هوندا.“

اکيون ڦاڙي، ڊپ وچان، ڪنهن ٻئي چيو:
”ايئن نہ هوندو ڀڪ سان ڌاڙيل آيا هوندا پنهنجي ڳوٺ ۾.“
پتڪڙي معصوم هڪڙي ٻارڙي ڳالهہ ڪئي،
ڪلهہ ٿي بابا ٿي چيو ”اڄ سياڻي جنگ اچڻي آهي
پنهنجي ڳوٺ ۾.“

ڪجهہ گهڙين لئہ ٻارڙا چپ چاپ سوچڻ ۾ لڳي ويا،

اوچتو هڪ ٻارڙي واڪو ڪيو: "جنگ ڇا هي؟"
"ڇا خبر؟"
"جنگ ڪنهن آهي ڏني؟"
"تو ڪڏهن آهي ڏني؟"
"ڪنهن ڪڏهن آهي ڏني؟"

جڏهن سيني ٻارڙن مان ڪو نہ ڪڇيو
پتڪڙي، منهن تي شرارت آڻي سنهڙي ۽ ڊيل آواز ۾ جهونگاريو:
"مون ڏني آهي اُها!"
هڪڙي پيري هوءَ اسان جي ڪٽڪ جي ٻارن مٿان گهمندي وتي،
"ڏاڍي سهڻي هئي اها:"
"جهڙي پوپٽ، جهڙي پنپوري هجي!"
اوچتو ئي اوچتو،
هر طرف هڪ ٿئي پنيان، سؤ سؤ نڪائن جا وڏا ڏمچر متا،
باهہ جا پنيٽ اٿيا،
۽ يڪا يڪ ساري ئي ماحول ۾ بارود جي بدبو گهلي وئي،
ٻارڙا سڀ گهائجي، گهوماتجي، پئجي رهيا.

تنهن گهڙيءَ،
اوچتو پر گهٽ ٿيو ٻارن جي وچ ۾،
جنگ جو بير حم ڦهري ديوتا:
ٽڏڙي ٽڏڙي، چوٽ، گهميل هوا تانڊن جو
گهر بڻجي وئي،
سنڌڙي انبن جي سرهي ٻور جون ڇانون
اُماڙيون ٿي ويون،
چنڊ ۽ تارا اکين کان ٿي ويا اهڙا الوپ،
جڻ هئا ئي ڪينڪي ،
ڪڪريون ساريون وڏي بادل ۾ پيهي،
ٽڙ پکڙ، گم ٿي ويون:

جنگ جو بيرحم ٿهري ديوتا
ٺهڪ ڏيندو رنيندو نچندو رهيو
موت جو خونخوار ناچ.

۽ ايئن چوندو رهيو:
جيستائين ڪوبہ نسل
جنگ کي سمجهي ٿو پنهنجي پيءُ جيان،
پوپٽ جيان،
مان ايئن نچندو ئي رهندس،
مان ايئن نچندو ئي رهندس!

***

# وقت

وقت آهي بادشاهه،
وقت کي آهي سلام.
وقت ڪنهن جي لاءِ ترسي ڪو نه ٿو.
وقت ويندو نيٺ گذري، جو ويو گذري سو موٽي ڪو نه ٿو.
وقت ڪيئن گذري ويو، ڪل ئي نه پئي،
سڀ غلط آهي، غلط آهي، غلط!

وقت بيحرڪت، سراسر بيوجود:
لازمانيءَ ۾ مڪانيت جو حسنِ اتفاق،
ڪهڪشاني روشنين، اونداهين جو کيل، گردش
ابتدا کان انتها تائين فقط هڪڙي خيالي شاهراهه،
جنهن تي دم دم زندگيءَ جا قافلا گذرن پيا.
وقت گذري ڪو نه ٿو
پاڻ ئي گذرون پيا.

***

# انت بحر ۾

هڪڙي لهر پري کان اُيري،
ٻوڙي آئي ڪناري ڏانهن:
پٿر سان خود کي ٽڪرائي،
ريتيءَ ذرڙن کي جرڪائي،
گم ٿي ويئي انت بحر ۾:

انت بحر جي انت تري ۾،
سهسين سهڻا موتي سپجن،
جن سان جل پرين جون ٽوليون،
پري پري سپ پنهنجيون جهوليون،
ويون ڪناري تي ورڪائي،
سورج داتا کي شرمائي.

***

# مشورا

چوي ڪير ٿو
تہ تون ڪجھ نہ ڪر؟
پلا ڪير ٿو توکي روڪي،
تہ تون پنھنجي حسن دو روزه تي نازان نہ ٿي،
جوانيءَ جي دولت تي شادان نہ ٿي؟
چوي ڪير ٿو
تہ تون پنھنجي جوڀن جياريل، بھارن جي بخشيل، سُريلي ۽
شفاف، نرمل ۽ نازڪ، گلابي بدن تي،
سدا صاف، ريشم ۽ ڪمخواب و مخمل جي زرتار پوشاڪ پھرڻ
ڇڏي ڏي:
نہ ڪر سينڌ سرمو
۽ پنھنجن خيالن کي دل جي ئي ويران خانن ۾ جڪڙي،
تبسم جي چپڙن تي شوخيءَ جي سرخي لڳائڻ ڇڏي ڏي؟
چوي ڪير ٿو زماني کي قائل بنائڻ ڇڏي ڏي؟

مگر ياد رک،
تہ جوڀن جياريل، بھارن جو بخشيل، تنھنجو سريلو ۽ شفاف
نرمل ۽ نازڪ گلابي بدن ۽ زرتار پوشاڪ جو روپ رنگ-
فقط آب و رنگ-
اھو منھنجو حسنِ نظر ئي تہ آھي!
۽ تنھنجو تبسم؟
خيالن جي تاريڪ ويرانين ۾ تمنا جي گمنامين جو پڙاڏو

فقط شور و شر!
مقدر جي کُهري ۽ ڪاري نرڙ تي،
نهايت ئي مبهم،
فقط چند ليڪا:
۽ صدين کان مان پنهنجي فڪر و عمل سان،
حياتيءَ جي هڏ ڪي
تحرڪ جو رت روح ڏيندو رهان ٿو:
مصور جي دستِ هنر جو ڪر شمو؟
اهو منهنجو خونِ جگر ئي تہ آهي!

مگر بنده پرور،
هي تنهنجو ۽ منهنجو فسانو تہ ناهي!
ايئن ئي،
خيالن جي لهرن تي لڏندي،
ستارن تي شايد نظر پئجي ويئي:
ايئن ئي سهي،
ڪڏهن تو بہ آهي ستارن تي سوچيو؟
محبت جي جذب و ڪشش جو عمل!
محبت جواني، محبت مقدر، محبت ئي تخليق جو روپ رنگ
محبت خدا!
تہ اي مهربان،
ڪڏهن منهنجي ميرن ۽ ڦاٽل ۽ بوسيده ڪپڙن،
۽ دامن جي چتين تي نفرت جون نظرون سجيندو نہ ڪر،
غريبن جي صورت ۽ حالت تي پنهنجي تبسم جا طعنا تڇيندو نہ ڪر،
محبت جو مُنهڙو مٽيندو نہ ڪر:
چوي ڪير ٿو
تہ تون ڪجهہ نہ ڪر!

***

# فرصت

تنهنجي ياد سراپا سهڻي،
سورهن ئي سينگار ڪري،
منهنجي من مندر جي در تي ويٺي آهي،
آس لڳائي:

نيٺ تہ ڪڏهين فرصت ٿيندي،
نيٺ تہ ڪڏهين وقت بچائي،
ساڻس ملندس ياڪر پائي.

ورهين کان هوءَ ويٺي آهي،
ورهين کان مان سوچيان ويٺو:
نيٺ تہ ڪڏهين فرصت ٿيندي:
نيٺ تہ ڪڏهين وقت بچائي،
ساڻس ملندس ياڪر پائي،

***

## حسن نظر

تون سچو ئي وقت تي سامهون رهين،
مان سچو ئي وقت مصروفِ نظر:
زندگي ڄڻ آهي دل جي رهگذر،
۽ زمانو ڀن نگاهن جو سفر.

تون الائي ڪيترو آهين پري،
مان خيالن ۾ رهان ٿو بيخبر:
زندگي ڄڻ آهي خوابن جو شهر،
۽ زمانو خوش خياليءَ جي نظر.

هر گهڙي تنهنجي تصور ۾ رهي،
خود ئي بنجي ٿو وڃان حسن نظر:
زندگي ڄڻ آهي جَلِوَن جو گذر،
۽ زمانو تنهنجي الفت جو اثر.

***

# سونهن جي صدقي

هوءَ سهڻي هئي، ڏاڍي سهڻي،
ايڏي سهڻي،
جنهن کي ڏسندي، اکيون يڪٽڪ ڄمي ويون ٿي:
صورت هن جي صبح سياڳو، رنگت شام شفق، جهڙ مان سورج
ليئو پائي، هن جي ايئن ءَ جهلڪ.

هوءَ پياري هئي، ڏاڍي پياري،
ايڏي پياري،
جنهن کي ڏسندي، دل سيني مان نڪري وئي ٿي:
ڳالهيون هن جي کنڊ پتاشا، مات بہ مصريءَ تڙ، ٽهڪ ايئن، جيئن
گهنگهرو گونجن، مرڪ تہ وڄُ وَڪڙُ

هوءَ نياري هئي، ڏاڍي نياري،
ايڏي نياري،
جنهن کي ڏسندي، دل ۾ دردن دود دکيا ٿي:
اکڙيون هن جون انتر منتر، جادو جنتر قد،
مڙي ڏنو جنهن پنڌ پهڻ ٿيو رستا راهون رد.
پوءِ هڪڙي ڏينهن ايئن ٿيو،
هڪڙي وحشي ظالم شخص (جنهن جي هوءَ طلاقيل هئي)
وجهہ وٺي،
اهڙيءَ سهڻي، پياري نياريءَ صورت کي گهوگها ڏئي ماري ڇڏيو!
ڇا جي لاءِ؟
جيڪا هن لاءِ هميشہ بڻجي ويئي حرام

سا وري ڪيئن ٻئي جي لاءِ ٿئي حلال!
يعني "منهنجي چڪيل ياڄي، ٻيو ڪو ڪيئن کائيندو؟"

اي مالڪ، اي خالق، ساري جڳ جا پالڻهار!
قادر قدرت وارا، سائين "دوست مٺا دلدار"
هڪڙو عرض اگهائج، مولا،
پنهنجي هن گناهن ڀريل، عاجز گندي بندي جو:
.....هن کان پوءِ هن کان پوءِ...
(معاف ڪجئين، اي منهنجا مولا!)
هن کان پوءِ هن ڌرتيءَ تي،
سهڻي پياري صورت ڪا تخليق نہ ڪج،
۽ جي نرمل نازڪ ماڻهو ڌرتيءَ تي رهن پيا،
سڀ جا سڀ ناپيد ڪري ڇڏ!
هڪ ئي پل ۾، هيڪاندا!
–پل تہ اها بيقدري ۽ بيذوقن واري،
بيدردن، بيرحمن واري دنيا،
سونهن کان خالي،
پيار کان خالي،
بدروحن جو دوزخ بڻجي!
جنهن ۾ ڪنهن کي آئيني ۾ شڪل ڏسڻ جي لوڙ نہ رهندي:
ڪنهن کي پاڻ وڻائڻ خاطر،
وهنجي سهنجي، ڌوتل ڪپڙا پائي،
عطر لڳائي،
ڪنگهي ڏيئي، وار سجائي،
ماڻهو بڻجي،
جڳ سان گڏجي جيئري رهڻ جي آس نہ رهندي،
پوءِ اکين مان گهورَ ڇپن تان مرڪ اڏامي ويندي،
دلين اندر چاهت واري جوت اجهامي ويندي،

چڙ اندر جي_ اڌما ڏيئي، ذهنن کي ساڙيندي، جسمن کي ڳاريندي،
هر ڪنهن منظر ۾ نفرت جا پوٽ پيا دانهيندا،
هر ڪنهن ڇهري مان وحشت جي ڏائڻ ليئا پائي، ڏند ڪڍي پئي،
ٺهڪ ڏيئي ڊيڄاريندي:
تڏهين پاٽا، بيزاريءَ مان هر ڪو پنهنجو ماس پٽيندو
تڏهين هر ڪو هڪ ٻئي جو پيو رت چٽيندو.

اُڀ ۾ ڪتيون، چنڊ ۽ تارا پوءِ بہ هوندا،
سمنڊ ۾ مڇيون ۽ موتي پوءِ بہ هوندا،
ڪڪر هوا ۾ پوءِ بہ ترندا، مينهن بہ پوندا،
پکي پسون ۽ وڻ ٽڻ وليون، باغ بهار پوءِ بہ هوندا،
بس هڪ ماڻهوءَ ذات نہ هوندي،
اڀ کان ڌرتيءَ تائين شاهي دوزخ ۾ بدروحن جو واسو هوندو!

منهنجا مولا،
تون سونهارو، سونهن سان پيار ڪرين ٿو،
بس، تون پنهنجيءَ سونهن جي صدقي،
سونهن سان پنهنجي پيار جي صدقي،
پنهنجي هن گناهن ڀريل عاجز گندي بندي جو هي عرض اگهائج:
ڀل هيءَ دنيا بدروحن جو دوزخ بنجي!

بيشڪ مان بہ انهيءَ دوزخ ۾ بدروحن سان شامل هوندس،
جيڪو پوءِ بہ سڪندو رهندس پنهنجي وڃايل سهڻيءَ صورت
واري پياري ماڻهوءَ لئہ!
بخش ڪجئين، اي بخشڻهار!
پنهنجيءَ سونهن جي صدقي!

1_06_1996

# اڌ صديءَ جو داستان

عمر جي معصوم، مخلص مرحلن ۾،
زندگيءَ جي راهہ تي،
